جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL_
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 17 | اربع 21 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 09 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 10

سنڌ ڪابينا جا اهم فيصلا، سي سي اي اميدوارن جي عمر جي حد 33 سال ۽ امتحان جا موقعا پنج ڪرڻ جي منظوري

سنڌ ڪابينا جو مير رضا انڪوائري ڪميشن جي رپورٽ عوام آڏو پڌري ڪرڻ جو حڪم، عملدرآمد لاءِ وڏي وزير مراد علي شاهه پاران اعليٰ سطحي ڪميٽي قائم

ايس پي ايس سي ۾ تاريخي سڌارا منظور: مقابلي جي امتحان (CCE) لاءِ عمر جي حد 30 مان وڌائي 33 سال ڪئي وئي، اميدوار هاڻي 3 بدران 5 ڀيرا ويهي سگهندا

ڪراچي جي 25 ٽائون ميونسپل ڪارپوريشنن ۾ پراپرٽي ٽيڪس اڳاڙي 2.3 ارب مان وڌائي 25.5 ارب ڪرڻ جي تجويز، ورلڊ بئنڪ 150 ملين ڊالر ڏيندي

ٻوڏ متاثرن جي گهرن جي ٻيهر تعمير لاءِ يورپي انويسٽمينٽ بئنڪ پاران 115 ملين يورو جو فنانسنگ پيڪيج منظور

صوبي کي نقدي بدران 12.5 سيڪڙو قدرتي گئس رائلٽي گئس جي صورت ۾ ملندي: ڪابينا پاران ’نيچرل گيس رائلٽي ان ڪائنڊ پاليسي 2026‘ منظور

ادارتي احتساب کي مضبوط ڪرڻ ۽ اهو يقيني بڻائڻ تي توجهه کي ظاهر ڪن ٿا ته گورننس جا فيصلا سنڌ جي عوام لاءِ عملي فائدن ۾ تبديل ٿين

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اڳاري ڏينهن صوبائي ڪابينا جي اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ عوامي صحت، ادارتي سڌارن، روينيو کي متحرڪ ڪرڻ ۽ ٻوڏ کان پوءِ گهرن جي ٻيهر تعمير تي ڌيان ڏنو ويو ۽ سڀ کان وڌيڪ، ميررضا علي انڪوائري ڪميشن جي رپورٽ کي عوام آڏو پڌرو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. وڌن تجويزن ۾ ڪراچي جي 25 ٽائون ميونسپل ڪار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

فيلڊ مارشل عاصم منير اڄ ايران جو دورو ڪندو

اسلام آباد (بيورو) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير اڄ ايران جو دورو ڪندو، جتي هو تهران ۾ ايراني /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

ڊاڪٽر امجد علي خلاف نيب جا 5 نوٽيس جاري

پشاور (م ڊ) نيب خيبرپختونخواهه، صوبائي اسيمبلي ميمبر ۽ وڏي وزير جي هائوسنگ بابت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

پاڪستان جوان ڳالهه تي يقين آهي ته علائقائي ڇڪتاڻ جي حل لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري موثر ترين رستو آهي: نائب وزيراعظم

ڏکڻ ايشيا، وچ ايشيا ۽ يوريشيا کي ڳنڍيندڙ پُل جي حيثيت سان پاڪستان علائقائي هم آهنگي، واپار، لنگهه رابطن ۽ اقتصادي هم آهنگي جي فروغ جي لاءِ پرعزم آهي

ايس سي او کي گڏيل قومن، آسيان، اقتصادي تعاون تنظيم (اي سي او) ٻين عالمي ۽ علائقائي مالياتي ادارن سان منظم حصيداري کي سگهه ڏيڻ گهرجي ته جيئن هڪ جامع علائقائي نظام کي سگهه ڏئي سگهجي

ايس سي او کي گڏيل قومن، آسيان، اقتصادي تعاون تنظيم (اي سي او) ٻين عالمي ۽ علائقائي مالياتي ادارن سان منظم حصيداري کي سگهه ڏيڻ گهرجي ته جيئن هڪ جامع علائقائي نظام کي سگهه ڏئي سگهجي

پاڪستان ايس سي او جي بنيادي اصولن ۽ ”شنگهائي اسپرٽ“ جي لاءِ پُرعزم آهي جنهن جو بنياد گڏيل اعتماد، برابري، مشاورت، ثقافتي هڪ جهڙائي جي احترام ۽ گڏيل خوشحالي تي آهي

ڏکڻ ايشيا، وچ ايشيا ۽ يوريشيا کي ڳنڍيندڙ قدرتي پُل جي حيثيت سان پاڪستان علائقائي هم آهنگي، واپار، ٽرانزٽ رابطن ۽ اقتصادي هم آهنگي جي فروغ جي لاءِ پُرعزم آهي

پاڪستان پاران اولهه ايشيا ۽ نارخطي ۾ رابطن جي فروغ ۽ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جون ڪوششون تعميري سفارتڪاري جي عزم جي عڪاسي ڪن ٿيون. پاڪستان آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ثالثي جي ڪوششن ۾ پڻ مصروف آهي

دوشنبي (م ڊ) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار شنگهائي تعاون تنظيم جي بنيادي اصولن سان پاڪستان جي پختي وابستگي جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته پاڪستان جوان ڳالهه تي يقين آهي ته علائقائي ڇڪتاڻ جي حل لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري موثر ترين رستو آهي، ڏکڻ ايشيا، وچ ايشيا ۽ يوريشيا کي ڳنڍيندڙ پُل جي حيثيت سان پاڪستان علائقائي هم آهنگي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

وزيراعظم پاران اسپتالن ۾ طبي سهولتن، علاج جي معيار جي بهتري جي لاءِ موثر قدمن جي هدايت

وزيراعظم شهباز شريف سان قومي صحت واري وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال ملاقات

ملاقات ۾ قومي صحت واري وزارت بابت معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

علاج جي معيار ۽ خدمتن جي بهتري جي لاءِ موثر قدمن جي هدايت ڪئي. هن ملڪ جي مجموعي ۽ سياسي صورتحال تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف وفاقي حڪومت جي انتظام هيٺ اسپتالن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2


اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان وفاقي وزير مصطفي ڪمال ملاقات ڪندي

وزيراعظم شهباز شريف جو پشاور جو دورو منسوخ ڪيو ويو

وزيراعظم شهباز شريف کي خيبر پختونخوا جي مجموعي صورتحال، امن امان، انتظامي معاملن ۽ ترقياتي منصوبن بابت بريفنگ

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف جو اڳاري تي ٿيڻ وارو پشاور جو دورو منسوخ ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب وزيراعظم جي مص/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

خيبر پختونخوا جي ضم ٿيل علائقن ۾ شمسي توانائي جي پلانٽس لاءِ ساڍا 13 ارب روپيا رکيا ويا آهن: احسن اقبال

پارليامينٽ سميت سڄي ملڪ ۾ سگريٽ نوشي تي پابندي جي قانون تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي

ملڪ ۾ قانون آهي ته عوامي هنڌن تي اهڙي طرح سگريٽ نوشي نٿي ڪري سگهجي پران تي عمل نٿو ڪيو وڃي

اسلام آباد (بيورو) رٿابندي، ترقي، سڌارن ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال پارليامنٽ جي اجلاس کي خطاب ڪندي

ڪراچي ۾ پوليو جو نئون ڪيس سامهون اچڻ تي وڏي وزير پاران سخت نوٽيس، هنگامي اجلاس طلب

جنهن ۾ صحت کاتي کي جامع جاچ ڪرڻ، وائرس جي ذريعي جي سڃاڻپ ڪرڻ ۽ ان جي وڌيڪ ڦهلاءَ کي روڪڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ جي هدايت

ڪراچي جي ضلعي اوڀر جي جمالي ڪالوني يونين ڪائونسل ۾ هڪ ڇهن مهينن جي ٻار ۾ پوليو وائرس جي تصديق

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

نيتنياهو جي چونڊ مهم جي حمايت نه ڪندس: جي ڊي وينس

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران نتنياهو جي کليل حمايت جي اعلان کانپوءِ سامهون آيو

آمريڪي صدر جي حمايت سياسي تاريخ ۾ انتهائي اثرائتي آهي

واشنگٽن (م. ڊ) آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس چيو آهي ته هو اسرائيلي وزيراعظم بينجمن نتنياهو جي چونڊ مهم جي حمايت نه ڪندو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

پي ٽي آءِ تي پابندي لاءِ آئين ۾ گنجائش موجود آهي: طلال

اسلام آباد (بيورو) مملڪتي گهرو وزير طلال چوڌري چيو آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف تي پا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

وفاقي وزير سان آمريڪي ناظم الامور جي ملاقات، پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ سيڙپڪاري وڌائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ

ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپار، سيڙپڪاري ۽ نجي شعبي جي تعاون سان وسيع موقعا موجود آهن

ملاقات ۾ پاڪستاني انب ۽ کجور جي آمريڪي مارڪيٽ تائين پهچ جي حوالي سان به تفصيلي ڳالهه ٻولهه

اسلام آباد (بيورو) واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال سان آمريڪي ناظم الامور ملاقات ڪندي

گرين، ريڊ ۽ ييلو لائينن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ سان شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ٿي سگهنديون: شرجيل انعام ميمڻ

سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي جو اهم اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ نومبر ۾ اچڻ وارين نين ڊبل ڊيڪر ۽ اليڪٽرڪ بسن لاءِ نوان روٽ شروع ڪرڻ جي سلسلي ۾ ضروري انتظام مڪمل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون

اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، سي اي او ٽرانس ڪراچي زبير چنه، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ريلو لائين ڪمال دايو، ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي بهزاد ميمڻ ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر شريڪ ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي جو اهم اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ نومبر ۾ اچڻ وارين نين ڊبل ڊيڪر ۽ اليڪٽرڪ بسن لاءِ نوان روٽ شروع ڪرڻ ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمب18

پاڪستان ۽ قطر ۾ گهرو سڪيورٽي سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

ملاقات دوران داخلي سيڪيورٽي سان لاڳاپيل شعبن ۾ ٻه طرفي تعاون وڌائڻ تي تفصيلي ويچار ڪيو ويو

ٻنهي وزيرن سيڪيورٽي پارٽنرشپ وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ملاقات ۾ خطي جي موجوده صورتحال ۽ علائقائي امن ۽ استحڪام جي معاملن تي به ڳالهه ٻولهه

ملاقات دوران وزارتن داخلا جي وچ ۾ ٻه طرفي تعاون کي مستحڪم بڻائڻ جي عزم کي ورجايو ويو

دوحا(م ڊ)وفاقي وزير داخلا محسن نقوي قطري هم منصب ۽ داخلي سيڪيورٽي فورس جي ڪمانڊر شيخ خليفه بن حمد بن خليفه آل ثاني سان ملاقات ڪئي، جنهن ۾ سيڪيورٽي پارٽنرشپ وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو وزارت داخلا موج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

ڊبليو ڊبليو ايف ۽ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان پاران ”گرين ٽرانزيشن ٽول ڪٽ“ متعارف

اثرائتي حڪومتي پاليسي، مالي ادارن جي سهڪار ۽ شراڪت داري تي زور

گرين ٽرانزيشن ٽول ڪٽ جي ذريعي فڪٽرين کي بجلي ۽ پاڻي جي بچت، گدلاڻ ۾ گهٽتائي، ماحول دوست مشينري جي استعمال ۽ بئنڪن مان مالي مدد حاصل ڪرڻ ۾ رهنمائي فراهم ڪئي ويندي

جيئن پاڪستاني مصنوعات عالمي منڊين جي ماحولياتي معيارن تي پوريون لهي سگهن ۽ برآمدات کي هٿي ملي

ڪراچي(رپورٽر) ورلڊ وائيڊ فنڊ فار نيچر (ڊبليو ڊبليو ايف) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي سهڪار سان ٽيڪسٽائل جي ننڍين ۽ وچولي درجي جي صنعتن (SMEs) کي ماحول دوست بڻائڻ لاءِ ”گرين ٽرانزيشن ٽول ڪٽ“ متعارف ڪرائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ڪراچي: گرين ٽرينزيشن ٽول ڪٽ متعارف ڪرڻ جي تقريب ۾ سيڪريٽري ماحوليات سنڌ کي شيلڊ ڏني پئي وڃي

جعلي سمون جاري ڪرائي بئنڪ اڪائونٽس مان لکين روپيا ڪڍائڻ جي منظم فراڊ جو انڪشاف

وارداتن ۾ ڊپليڪيٽ سمن جي اجراءَ سان گڏ بئنڪ صارفين جي معلومات تائين غير مجاز رسائي ۽ مبينا طور ڪجهه بئنڪ ملازمن جي ڪردار تي به سوال اٿيا

متحده قومي موومينٽ جي ميمبر قومي اسيمبلي فرحان چشتي کي 12 جنوري تي اسلام آباد ايئرپورٽ پهچڻ تي معلوم ٿيو ته سندس موبائل سم بند ٿي چڪي آهي

موبائل ڪمپنيءَ جي سروس سينٽر کان خبر پئي ته سندس نمبر تي سندس درخواست کانسواءِ ڊپليڪيٽ سم جاري ڪئي وئي هئي

ڪراچي (رپورٽر) جعلي سمون جاري ڪرائي بئنڪ اڪائونٽس مان لکين روپيا ڪڍائڻ جي منظم فراڊ جو انڪشاف ٿيو آهي، جنهن ۾ ٻه ميمبر قومي اسيمبلي ۽ ڪراچيءَ جو هڪ واپاري به متاثر ٿيا. وارداتن ۾ ڊپليڪيٽ سمن جي اجراءَ سان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

مشين ريڊيبل پاسپورٽس جي جاءِ تي اي پاسپورٽس جي لازمي اجراءَ جي تاريخ ۾ 22 آڪٽوبر تائين واڌ

ملڪ ڀر ۾ مشين ريڊيبل پاسپورٽ ختم ڪري جديد ترين اي پاسپورٽ تي منتقل ٿيڻ جي تاريخ ۾ تبديلي ڪري ڇڏي

هاڻي هن نئين نظام جو آغاز 15 آڪٽوبر بدران 23 آڪٽوبر 2026ع کان ٿيندو

اسلام آباد (بيورو) مشين ريڊيبل پاسپورٽس جي جاءِ تي اي پاسپورٽس جي لازمي اجراءَ جي تاريخ ۾ 22 آڪٽوبر تائين توسيع ڪئي وئي آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي کي غيرآئيني ثابت ڪنداسين: بيرسٽر گوهر

پارٽي ڪارڪنن ۽ قومي اسيمبلي ميمبرن سان ٿيندڙ ورتاءَ بابت پڻ عدالت کي آگاهه ڪيو ويو آهي

تحريڪ انصاف هميشه دهشتگرديءَ جي مذمت ڪئي آهي، پر دهشتگرديءَ کي جواز بڻائي ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪيو ويو

هن وڏي وزير جي گرفتاري خلاف هر فورم تي آواز اٿارڻ ۽ پارٽي قيادت جي آزاديءَ جو مطالبو پڻ ڪيو

پشاور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي ته عدالت ۾ ثابت ڪنداسين ته گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ وارا قدم غيرآئيني آهن. پشاور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته درخواستن ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ کي چيلنج ڪيو ويو آهي. جڏهن ته پارٽي ڪارڪنن ۽ قومي اسيمبلي ميمبرن سان ٿيندڙ ورتاءَ بابت پڻ عدالت کي آگاهه ڪيو ويو آهي. ب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

سنڌ هاءِ ڪورٽ فلم ”گهوسٽ اسڪول“ جي عوامي نمائش جي مشروط اجازت

فلم سازن طرفان تڪراري جملو ڪڍيو وڃڻ کانپوءِ 10 ڏينهن ۾ فلم جي سرٽيفڪيشن تي ٻيهر غور ڪيو

جسٽس يوسف علي سعيد ۽ جسٽس عدنان اقبال چوڌري تي مشتمل ٻن رڪني بينچ جي جي سيماب گل ۽ ٻين جي درخواست تي فيصلو

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ هاءِ ڪورٽ فلم ”گهوسٽ اسڪول“ جي عوامي نمائش جي مشروط اجازت ڏيندي سنڌ سينسر بورڊ کي هدايت ڪئي آهي ته فل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ڊاڪٽر عذرا پيچوهو سنڌ جي اسپتالن ۾ جديد ڊجيٽل نظام متعارف ڪرائڻ جي منصوبي جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ڊجيٽل نظام مستقبل ۾ صحت بابت پاليسي سازيءَ لاءِ اهم ثابت ٿيندو، طبي خدمتن جي فراهمي ۽ صحت جي شعبي جي انتظامي خرچن ۾ شفافيت يقيني بڻائڻ ۾ به مدد ملندي: ڊاڪٽر عذرا

صحت جي شعبي ۾ استعمال ٿيندڙ مختلف انتظامي ۽ معلوماتي نظامن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيو ويندو

انهن ۾ اسپتالن جو انتظامي ۽ معلوماتي نظام، پورٽل ٽريڪنگ سسٽم، ڊسٽرڪٽ هيلٿ انفارميشن سسٽم ٽو ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيڪل رڪارڊ شامل آهن

مريضن کي بهتر طبي سهولتون ڏيڻ لاءِ سڀني منصوبن جي وقت سر مڪمل ٿيڻ ۽ لاڳاپيل ادارن جي وچ ۾ گڏيل ڪوششن جي ضرورت آهي

ڪراچي(رپورٽر)صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا پيچوهو سنڌ جي اسپتالن ۾ جديد ڊجيٽل نظام متعارف ڪرائڻ جي منصوبي جو افتتاح ڪري ڇڏيو. منصوبي تحت صوبي ڀر جي اسپتالن ۾ مريضن جو رڪارڊ ڊجيٽل ڪيو ويندو، جنهن سان معلوما/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ملڪ ۾ فائيو جي سروسز 24 شهرن ۾ فعال سيٽلائيٽ براڊبينڊ فريم ورڪ کي حتمي شڪل ڏني پئي وڃي: شزه فاطمه خواجه

پاڪستان مصنوعي ذهانت (اي آءِ) جي جديد دور ۾ عالمي ڊجيٽل تعاون ۽ سهڪاري عمل لاءِ پوري طرح تيار آهي

وزيراعظم جي ڊجيٽل نيشنل پاڪستان ويزن تحت پاڪستان مصنوعي ذهانت کي بنيادي طور تي نيٽ ورڪ اپ گريڊيشن ۽ تيز رفتار رابطي جي چئلينج طور ڏسي ٿو

ٽيلي ڪام صارفين جو انگ 20 ڪروڙ کان وڌي چڪو آهي، جيڪو معياري ۽ جديد ڊجيٽل سهولت جي وڌندڙ گهرج جو ثبوت آهي

پاڪستان مارچ 2026ع ۾ هن وقت تائين سڀ کان وڏي اسپيڪٽرم جي نيلامي ڪاميابي سان مڪمل ڪئي

سيئول (م ڊ) انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه چيو آهي ته عالمگير ڪنيڪٽيوٽي کي ٽٽل نه پر هڪ اڻ مڪمل واعدو آهي. پاڪستان مصنوعي ذهانت (اي آءِ) جي جديد دور ۾ عالمي ڊجيٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

سيئول: وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه اجلاس ۾ شريڪ آهي

مير رضا ڪيس: حتمي چالان پيش نه ٿيو، ٻڌڻي ملتوي

جوڊيشل مئجسٽريٽ اوڀر جي عدالت ۾ ڪيس جي ٻڌڻي دوران جاچ اختيارين چالان جمع ڪرائڻ لاءِ وڌيڪ وقت گهريو

عدالت جاچ آفيسر کي ايندڙ ٻڌڻيءَ تي حتمي چالان پيش ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) نوجوان واپاري مير رضا جي قتل ڪيس ۾ جاچ آفيسر ٽيون ڀيرو به حتمي چالان پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويو، جنهن بعد وڌيڪ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي خلاف ٻڌڻي، 10 نومبر تائين ملتوي

جنهن دوران عدالت درخواستگذارن کان اعتراضن بابت وضاحت طلب ڪئي

درخواستگذارن کي ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ تي ڪهڙي حد تائين اعتراض آهي؟ درخواستگذار جي وڪيل موقف

پشاور(م ڊ) خيبرپختونخواهه ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ خلاف پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ داخل درخواستن تي ٻڌڻي ٿي، جنهن دوران عدالت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

زين شاهه کي 22 آڪٽوبر تي اين سي سي آءِ اي طلب ڪري ورتو

حيدرآباد (رپورٽر) نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) آن لائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچيءَ ۾ خطرناڪ عمارتن اندر خانگي اسڪول هلڻ جو انڪشاف

ڪراچي(رپورٽر) خطرناڪ عمارتن ۾ قائم خانگي اسڪولن خلاف سخت ڪارروائي جو فيصلو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڪراچي: قائم مقام گورنر سنڌ اويس قادر شاهه سان عراق جو قائم مقام قونصل جنرل ملاقات ڪندي

ايس آءِ يو ٽي ۽ سينٽرل پوليس وچ ۾ جهيڙو، 16 اهلڪار معطل

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي پوليس سب انسپيڪٽر نورالله جان پٺاڻ سميت سينٽرل پوليس جي 4 اهلڪارن کي معطل ڪري ڇڏيو

سي آءِ اي پوليس جي 12 اهلڪارن خلاف به معطليءَ جا حڪم جاري ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) ايس آءِ يو ٽي ۽ سينٽرل ضلعي جي پوليس اهلڪارن وچ ۾ جهيڙي واري معاملي تي پوليس اختيارين ڪارروائي ڪندي 16 اه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

وافلڪس جي مالڪ ميررضا جي قتل ڪيس ۾ تفتيشي آفيسر ٽين ڀيرو به جوڊيشل مئجسٽريٽ ايسٽ جي عدالت ۾ آخري چالان پيش ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو

ڪراچي(رپورٽر)وافلڪس جي مالڪ مير رضا جي قتل ڪيس ۾ تفتيشي آفيسر ٽين ڀيرو به /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

’را‘ جي مبينا ايجنٽ جي سزا خلاف اپيل تي فيصلو محفوظ

دهشتگردي ٽوڙ عدالت جوابدار محمد سليم کي ٽن ڀيرا عمر قيد جي سزا ٻڌائي هئي

جوابدار تي پاڪستان خلاف هٿيار بند جارحيت، ڌماڪيدار مواد رکڻ ۽ ٻين الزامن تحت ڪيس داخل ٿيل آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ پارٽي ڳجهي اداري ’را‘ جي مبينا ايجنٽ محمد سليم جي سزا خلاف داخل اپيل تي ڌرين جي وڪيلن جا دليل مڪمل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ہمارے بوڑھے والدین پر رحم کیا جائے
ہمیں بے گھر نہ کیا جائے
لاهور: ريلوي ڪوارٽرز جا متاثرين ٻارڙا احتجاج ڪندي

سرڪاري ملازم سياسي دٻاءَ کان متاثر نه ٿين: آئيني عدالت

حڪومتون، وزيراعظم ۽ وزير ايندا ويندا رهندا آهن. جڏهن ته ڪنهن جي سياسي حمايت يا مخالفت ڪرڻ سرڪاري ملازمن جو ڪم ناهي

سياستدانن کي سرڪاري ملازمن جي ڪم ۾ مداخلت نه ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اهڙي مداخلت سان ڪرپشن، رشوت خوري ۽ اقرباپروري جهڙيون برايون جنم وٺن ٿيون

پنهنجي ملازمت جي ساک، وقار، عزت ۽ ايمانداري برقرار رکن. عدالت واضح ڪيو ته ترقي ڪو لازمي حق ناهي

اسلام آباد(بيورو) وفاقي آئيني عدالت سرڪاري ملازمن کي هدايت ڪئي آهي ته اهي ڪنهن به قسم جي سياسي دٻاءَ کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ پنهنجا فرض ايمانداريءَ ۽ بي خوفيءَ سان ادا ڪن. پوليس آفيسر جي ترقيءَ بابت ڪيس ۾ جاري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

دوداپور ويجهو ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل، 2 زخمي

دوداپور (رپورٽر) ميرانپور واري علائقي ۾ رواهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران هڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

ڪپرو، قتل ٿيل استاد جو مڙهه ٽن ڏينهن کانپوءِ مٽيءَ ماءُ حوالي

سانگھڙ (رپورٽر) ڪپري ۾ قتل ٿيل نوجوان استاد بابر هنگورجو جو مڙهه ٽن ڏينهن کانپوءِ سندس اباڻي ڳوٺ پيراٽلي ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

جامشوري ۾ 17 سالن مهڪ ملاح جي لاش ملڻ جي معاملي ۾ پوليس مقتول جي ماءُ نجمه ملاح جي مدعيت ۾ ٻن ماڻهن خلاف قتل جو ڪيس داخل

ڪوٽڙي (رپورٽر) جامشوري ۾ انڊس هاءِ وي تان 17 سالن مهڪ ملاح جي لاش ملڻ جي معامل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ جي ضرورت هئي: ڊاڪٽر ارشد وهرا

صوبائي حڪومت تحريڪ طالبان پاڪستان سان ڳالهيون ڪري انهن لاءِ سرحدون کوليون

سنڌ ۾ گورنر راڄ بدران نوان صوبا ٺاهڻ بهتر ٿيندو ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب

ڪراچي(رپورٽر) متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي اڳواڻ ڊاڪٽر ارشد وهرا چيو آهي ته خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ جي ضرورت هئي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

گلشن اقبال ۾ 84 انچ پاڻي جي لائين جو ايئر والو ليڪ، مرمتي ڪم شروع

گلشن اقبال ۾ عزيز ڀٽي پارڪ پرسان ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي 84 انچ قطر جي مين پاڻي جي لائين جو ايئر والو ليڪ ٿي پيو

جنهن سبب صفورا، جناح، لياري، صدر، ڪلفٽن، بلديا ۽ ڪياماڙي جي علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي جزوي طور متاثر ٿيڻ جو امڪان

ليڪيج جو اطلاع ملندي ئي مرمتي ڪارروايون شروع ڪيون ويون آهن. متاثر لائين ۾ پاڻي جو پريشر گهٽايو پيو وڃي

ڪراچي(رپورٽر) گلشن اقبال ۾ عزيز ڀٽي پارڪ پرسان ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي 84 انچ قطر جي مين پاڻي جي لائين جو ايئر والو ليڪ ٿي پيو، جنهن سبب صفورا، جناح، لياري، صدر، ڪلفٽن، بلديا ۽ ڪياماڙي جي علائقن ۾ پاڻي ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

اربع 21 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 09جمادي الاول 1448هه

سنڌ جي وحدت ۽ ڪراچيءَ جي ترقي

سنڌ جي ورهاڱي جون تجويزون رد ڪرڻ، صوبائي خودمختياريءَ جو احترام ۽ آئيني اصولن تي عمل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ساڳئي وقت ڪراچيءَ کي صاف، سرسبز ۽ جديد شهر بڻائڻ لاءِ ڪچري جي سائنسي نيڪال، پاڻيءَ جي منصفاڻي فراهمي، رستن جي بحالي ۽ ماحولياتي تحفظ جا منصوبا عملي طور ڪامياب بڻائڻ سنڌ حڪومت جي ذميواري آهي. جام چڪرو ۾ سائنسي لينڊ فل منصوبي جي شروعات، 13 ارب روپين جي روڊن واري پروگرام ۽ حب ڊيم مان پاڻيءَ جو حصو وڌائڻ جي ڪوششون اهم آهن، پر انهن جي اصل ڪاميابي عوام کي حاصل ٿيندڙ سهولتن، شفاف خرچن ۽ مقرر مدي اندر نتيجا ڏيڻ سان ئي ثابت ٿيندي. سنڌ جي وحدت، سجاڳي ۽ صوبائي خودمختياري اهڙا بنيادي معاملا آهن، جن جو تعلق سنڌ جي تاريخ، ثقافت، سياسي شعور ۽ عوامي خواهشن سان آهي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران سنڌ جي ورهاڱي بابت تجويزن کي رد ڪندي واضح ڪيو ويو آهي ته سنڌ اسيمبلي اهڙين تجويزن خلاف ڪيترائي ڀيرا قراردادون منظور ڪري چڪي آهي. چونڊيل نمائندن جون اهي قراردادون عوام جي موقف جي عڪاسي ڪن ٿيون، تنهنڪري انهن کي نظرانداز ڪرڻ مناسب ناهي. جمهوري نظام ۾ عوامي نمائندگيءَ جو احترام ۽ آئيني اصولن جي پاسداري بنيادي اهميت رکن ٿا. نون صوبن جي قيام يا صوبائي حدبندين ۾ تبديليءَ بابت ڪنهن به تجويز کي ذاتي خواهشن، سياسي مفادن يا انتظامي دليلن جي بنياد تي مڙهڻ بدران آئين ۾ مقرر طريقيڪار تحت ئي پرکڻ گهرجي. اهڙن معاملن ۾ گهربل قانوني منظورين ۽ آئيني گهرجون پوريون ڪرڻ لازمي آهن. سنڌ جي ورهاڱي بابت بحث کي رڳو سياسي بيانن تائين محدود رکڻ بدران ان جي پويان موجود عوامي خدشن کي سمجهڻ به ضروري آهي. سنڌ جي وحدت بابت عوام جو احساس تاريخي ۽ ثقافتي وابستگيءَ سان جڙيل آهي. ڪنهن به صوبي جي انتظامي جوڙجڪ بابت بحث ڪندي اتي جي عوام جي راءِ، چونڊيل ايوان جي موقف ۽ آئيني دائري کي نظرانداز ڪرڻ سان سياسي بيچيني وڌي سگهي ٿي. ان ڪري سياسي قيادت جي ذميواري آهي ته اهڙن حساس معاملن ۾ ذميواريءَ جو مظاهرو ڪري، غيرضروري تڪرارن کان پاسو ڪري ۽ جمهوري اصولن کي اوليت ڏئي. سنڌ جي وحدت جو احترام ڪرڻ سان گڏ صوبائي خودمختياريءَ کي مضبوط بڻائڻ، وسيلن تي جائز اختيارن جو تحفظ ڪرڻ ۽ عوام جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ به ساڳئي سياسي ذميواريءَ جا اهم حصا آهن. ٻئي طرف ڪراچيءَ جي صورتحال سنڌ حڪومت لاءِ هڪ وڏو امتحان آهي. ڪراچي ملڪ جو معاشي، صنعتي ۽ واپاري مرڪز آهي، جتي لکين ماڻهو روزگار، تعليم ۽ بهتر مستقبل جي اميدن سان رهن ٿا. پر ڪچري جا ڍير، گندي پاڻيءَ جي نيڪال جا مسئلا، پيئڻ جي پاڻيءَ جي کوٽ، ٽٽل رستا ۽ ماحولياتي آلودگي شهرين جي روزاني زندگيءَ کي متاثر ڪن ٿا. ڪنهن به شهر جي ترقيءَ جو اندازو رڳو بلند عمارتن، وڏن منصوبن يا سيڙپڪاريءَ جي اعلانن مان نٿو لڳائي سگهجي، پر ان جو اصل معيار صاف گهٽيون، محفوظ پاڻي، بهتر ٽرانسپورٽ، صحت مند ماحول ۽ بنيادي سهولتن تائين هر شهريءَ جي رسائي آهي. ڪراچيءَ کي جديد شهر بڻائڻ لاءِ حڪومت کي اهڙي مربوط رٿابنديءَ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ مڪاني ادارن جي ذميوارين، مالي وسيلن ۽ انتظامي ڪارڪردگيءَ کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيو وڃي. جام چڪرو ۾ سنڌ جي پهرين سائنسي سينٽري انجنيئرڊ لينڊ فل منصوبي جي پهرين مرحلي جو افتتاح ڪراچيءَ جي صفائيءَ واري نظام کي جديد بڻائڻ جي سلسلي ۾ هڪ اهم قدم آهي. ورلڊ بينڪ جي مالي ۽ فني سهڪار سان تيار ٿيندڙ هن منصوبي جي مجموعي لاڳت لڳ ڀڳ 14 ارب روپيا ٻڌائي وئي آهي. جنهن جو مقصد ڪچري کي محفوظ ۽ سائنسي طريقي سان گڏ ڪرڻ، منتقل ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ آهي. لڳ ڀڳ 150 ايڪڙن تي پکڙيل هن سائيٽ تي زمين کي آلودگيءَ کان بچائڻ لاءِ حفاظتي تهه، خاص مواد، آلودگيءَ واري پاڻيءَ کي گڏ ڪرڻ جو نظام ۽ ماحولياتي نگرانيءَ جا انتظام شامل آهن. ڪچري کي مقرر هنڌن تي دٻائي ڍڪڻ سان بدبوءِ، زميني پاڻيءَ جي آلودگي ۽ بيمارين جي پکڙجڻ جا خطرا گهٽائي سگهجن ٿا. جيڪڏهن منصوبو صحيح نموني هلايو ويو ته اهو ڪراچيءَ جي ماحولياتي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. بهرحال، ڪنهن به جديد لينڊ فل منصوبي جي ڪاميابيءَ جو دارومدار رڳو ان جي تعمير تي نه، پر ڪچرو گڏ ڪرڻ کان وٺي آخري نيڪال تائين پوري نظام جي اثرائتي انتظام تي هوندو آهي. منصوبي جي تعميراتي ڪم ۾ 61.67 سيڪڙو اڳڀرائي ۽ ٽي انجنيئرڊ سيل مڪمل ٿيڻ باوجود باقي ڪم مقرر مدي اندر مڪمل ڪرڻ سان گڏ ان جي مستقل سارسنڀال لاءِ به واضح حڪمت عملي ضروري آهي. ڪچري جي منتقليءَ لاءِ شرافي ڳوٺ، ڏنگا موڙ، امتياز ۽ گٽر باغيچا ۾ چار ٽرانسفر اسٽيشنون تعمير ڪيون پيون وڃن، جن جي گڏيل روزاني گنجائش 6500 ٽن ڪچرو سنڀالڻ جي هوندي. انهن اسٽيشنن جي مڪمل ٿيڻ سان ڪچري جي منتقلي وڌيڪ منظم ٿي سگهي ٿي، پر ان لاءِ ضروري آهي ته شهر جي هر علائقي مان ڪچرو باقاعدگيءَ سان گڏ ڪيو وڃي ۽ ان کي مقرر ڪيل هنڌن تائين پهچايو وڃي. حڪومت کي ڪچري جي انتظام ۾ شفافيت ۽ جوابدهيءَ کي به يقيني بڻائڻ گهرجي. لينڊ فل سائيٽ تي روزانو ايندڙ ڪچري جو وزن، گاڏين جا رڪارڊ، نيڪال جي طريقيڪار ۽ ماحولياتي معيارن بابت باقاعده رپورٽون تيار ٿيڻ گهرجن. ڪچري جي نيڪال ۾ لاپرواهيءَ سبب جيڪڏهن زميني پاڻي يا ڀرپاسي جي آبادين جي صحت متاثر ٿئي ته اهڙو منصوبو پنهنجي بنيادي مقصد کان محروم ٿي ويندو. ان ڪري ماحولياتي نگرانيءَ کي رڳو ڪاغذي ڪارروائي نه، پر مستقل عملي ذميواري بڻائڻ ضروري آهي. ڪچري کي گهٽائڻ، ٻيهر استعمال ڪرڻ ۽ ڪارائتي شين کي الڳ ڪرڻ جي پاليسي پڻ اختيار ڪرڻ گهرجي، جيئن سمورو ڪچرو دفن ڪرڻ بدران ان مان ممڪن حد تائين معاشي ۽ ماحولياتي فائدو حاصل ڪري سگهجي. هن منصوبي مان لڳ ڀڳ 2 ڪروڙ ڊالر ماليت جا ڪاربن ڪريڊٽس حاصل ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. ڪچري مان پيدا ٿيندڙ ميٿين گئس کي گڏ ڪري توانائي ۽ بجلي پيدا ڪرڻ جا امڪان پڻ موجود آهن. جيڪڏهن اهي تجويزون عالمي معيارن مطابق عملي صورت اختيار ڪن ٿيون ته سنڌ کي ماحولياتي تحفظ سان گڏ مالي فائدا پڻ ملي سگهن ٿا. پر ڪاربن ڪريڊٽس جي آمدني بابت ڪا به اميد تڏهن ئي حقيقي فائدي ۾ تبديل ٿيندي، جڏهن ان جي تصديق، نگراني ۽ حساب ڪتاب شفاف طريقي سان ڪيو وڃي. حڪومت کي گهرجي ته منصوبي مان حاصل ٿيندڙ آمدني، خرچن ۽ ماحولياتي نتيجن بابت عوام کي باقاعده آگاهه ڪري. صاف هوا، محفوظ پاڻي ۽ شهرين جي صحت کي ڪنهن به مالي فائدي کان وڌيڪ بنيادي اهميت ڏيڻ گهرجي. ڪراچيءَ جو ٻيو اهم مسئلو پاڻيءَ جي فراهمي آهي. سنڌ حڪومت پاران وفاق کان حب ڊيم مان شهر لاءِ روزانو پاڻيءَ جو حصو 10 ڪروڙ گيلن مان وڌائي 20 ڪروڙ گيلن ڪرڻ جي درخواست ان ضرورت کي ظاهر ڪري ٿي ته وڌندڙ آباديءَ جي حساب سان پاڻيءَ جا وسيلا ۽ ورڇ جو نظام بهتر بڻايو وڃي. شهر جي ڪيترن ئي علائقن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ سبب ماڻهو مهانگو پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا، جڏهن ته ڪجهه آبادين تائين فراهميءَ ۾ اڻبرابريءَ جون شڪايتون پڻ سامهون اينديون رهن ٿيون. پاڻيءَ جي مجموعي مقدار ۾ واڌ سان گڏ پائپ لائينن جي مرمت، ليڪيج جي خاتمي، غيرقانوني ڪنيڪشنن خلاف ڪارروائي ۽ پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ ضروري آهي. وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کي پاڻيءَ جي فراهميءَ جي منصوبن تي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي، جيئن شهر جي مختلف آبادين جي ضرورتن کي مناسب نموني پورو ڪري سگهجي. رستن جي تعمير ۽ مرمت لاءِ 13 ارب روپين جو پروگرام پڻ ڪراچيءَ جي شهري ضرورتن جي حوالي سان اهم آهي. خراب رستا ٽريفڪ جي رواني ۾ رنڊڪ، حادثن، گاڏين جي نقصان ۽ شهرين جي وقت جي زيان جو سبب بڻجن ٿا. برسات کان پوءِ رستن جي حالت وڌيڪ خراب ٿيڻ ۽ پاڻيءَ جي نيڪال جي ناقص انتظام سبب عوام کي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ان کان علاوه، بجلي، گئس، پاڻي ۽ ٻين خدمتن جا ادارا مختلف وقتن تي رستا کوٽين ٿا، پر ڪم مڪمل ٿيڻ کان پوءِ انهن جي بحاليءَ ۾ دير ڪئي وڃي ٿي. وڏي وزير پاران رستا کاٽڻ لاءِ گڏ ڪيل رقم متاثر ٿيل رستن جي بحاليءَ تي خرچ ڪرڻ جي هدايت مناسب آهي. ان تي عملدرآمد لاءِ مڪاني ادارن جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺڻ، خرچن جا تفصيل عام ڪرڻ ۽ ذميوار ادارن کان حساب وٺڻ لازمي آهي. رستن جي تعمير سان گڏ انهن جي سارسنڀال لاءِ به مستقل نظام قائم ٿيڻ گهرجي، جيئن ڪجهه مهينن کان پوءِ ٻيهر مرمت جي ضرورت پيدا نه ٿئي. سنڌ حڪومت جي چين جي دوري دوران شنگهائيءَ جي ترقيءَ مان سکڻ ۽ سنڌ ۾ سيڙپڪاري آڻڻ بابت ڪيل ڪوششون پڻ اهميت رکن ٿيون. شنگهائي جهڙي وڏي شهر جي ترقيءَ مان اهو سبق ملي ٿو ته ڏگهي مدي واري رٿابندي، جديد ٽيڪنالاجي، مضبوط بنيادي ڍانچي ۽ سيڙپڪاريءَ لاءِ سازگار ماحول شهرن جي معاشي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. سنڌ حڪومت پاران چيني ڪمپنين سان ٽرڪول، پاڻيءَ جي فراهمي ۽ سامونڊي پاڻيءَ کي مٺو ڪرڻ جي منصوبن بابت ڳالهيون ڪرڻ سان نوان موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا. پر سيڙپڪاريءَ جي اصل اهميت تڏهن ثابت ٿيندي، جڏهن ان سان مقامي ماڻهن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ٿين، صنعتن کي هٿي ملي، جديد فني مهارتون منتقل ٿين ۽ عوام کي بهتر سهولتون حاصل ٿين. منصوبن جي مالي ذميوارين، ماحولياتي اثرن ۽ مقامي آبادين جي حقن کي به نظرانداز نه ڪرڻ

سياسي چڪتاڻ جو نقصان ڪنهن کي؟ جواب عوام گهري رهي آهي!

غلام مصطفيٰ جمالي

ملڪ جي سياست ۾ جڏهن بيانن جو شور وڌي وڃي، هڪ ٻئي تي الزام لڳائڻ کي ڪاميابي سمجهيو وڃي ۽ ڳالهين جا دروازا بند ٿيڻ لڳن، تڏهن سڀ کان وڏو سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته هن سموري چڪتاڻ جي قيمت آخر ڪير ادا ڪري رهيو آهي؟ اقتدار جي ايوانن ۾ ويٺل ماڻهو پنهنجن سياسي مفادن لاءِ دليل ڏين ٿا، مخالف ڌريون پنهنجا مطالبا پيش ڪن ٿيون، جلسن ۾ تقريرون ٿين ٿيون ۽ سياسي اڳواڻ پنهنجي پنهنجي موقف تي قائم رهن ٿا، پر عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪهڙي تبديلي اچي ٿي؟ سندس گهر جو خرچ گهٽجي ٿو يا وڌي ٿو؟ سندس ٻارن جي تعليم بهتر ٿئي ٿي يا وڌيڪ ڏکي بڻجي وڃي ٿي؟ بيمار کي علاج ملي ٿو يا هو اسپتالن جي دروازن تي پريشان بيٺو رهي ٿو؟ اهي ئي سوال آهن، جن جا جواب اڄ ملڪ جو عوام گهري رهيو آهي.

سياست ڪنهن به جمهوري ملڪ جي اهم ضرورت آهي. سياسي اختلاف به جمهوريت جو حصو آهن، پر جڏهن اختلاف ذاتي دشمنيءَ ۾ تبديل ٿي وڃن ۽ قومي مسئلن کان وڌيڪ اهميت اقتدار جي جنگ کي ڏني وڃي، تڏهن جمهوريت جو اصل مقصد پوئتي رهجي وڃي ٿو. سياست جو مقصد عوام جي خدمت، ملڪ جي ترقي ۽ ماڻهن جي مسئلن جو حل هجڻ گهرجي. نه ڪي اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ، جنهن ۾ هر روز نئون تڪرار جنم وٺي ۽ اڳئين ڏينهن جا مسئلا وڌيڪ پيچيده ٿيندا وڃن.

پاڪستان هن وقت ڪيترن ئي معاشي، سماجي ۽ انتظامي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. مهانگائيءَ عام خاندان جي بجيٽ کي لوڏي ڇڏيو آهي. روزگار جا موقعا ڪيترن ئي نوجوانن لاءِ محدود آهن. ننڍا واپاري وڌندڙ خرچن سبب پريشان آهن ۽ پگهاردار طبقي لاءِ آمدنيءَ اندر گهر هلائڻ ڏينهون ڏينهن ڏکيو ٿيندو پيو وڃي. اهڙي صورتحال ۾ عوام سياسي قيادت کان سنجيدگي، گڏيل حڪمت عملي ۽ عملي قدم کڻڻ جي اميد رکي ٿو. پر جڏهن سياسي بحثن جو مرڪز هڪ ٻئي کي هارائڻ بڻجي وڃي، تڏهن عوام جا بنيادي مسئلا پوئتي رهجي وڃن ٿا.

هڪ غريب مزدور صبح جو گهران نڪرندي اهو نٿو سوچي ته اڄ ڪهڙي سياسي جماعت جو بيان وڌيڪ اثرائتو رهيو. سندس پهرين ڳڻتي اها هوندي آهي ته اڄ کيس ڪم ملندو يا نه. ٻارن لاءِ ماني ڪيئن ايندي ۽ گهر جو ڪرايو ڪٿان ادا ٿيندو. هڪ پيءُ لاءِ سڀ کان وڏو سياسي مسئلو اهو آهي ته هو پنهنجي ٻار جي اسڪول جي فيس ڀري سگهي. هڪ بيمار ماءُ جي اولاد لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته علاج لاءِ پئسا موجود هجن. هڪ نوجوان لاءِ وڏي اميد اها آهي ته کيس سفارش کان سواءِ عزت وارو روزگار ملي. انهن ماڻهن لاءِ سياسي ڪاميابيءَ جو معيار تقريرن جو تعداد نه، پر زندگيءَ ۾ ايندڙ آساني آهي.

حڪومت جي ذميواري آهي ته اها عوام کي سهولتون فراهم ڪري. روزگار جا موقعا وڌائي، مهانگائيءَ تي ضابطو آڻي ۽ ادارن کي بهتر نموني هلائي. ساڳئي وقت مخالف ڌر جو ڪردار به انتهائي اهم آهي. مخالف ڌر جو ڪم رڳو تنقيد ڪرڻ يا حڪومت کي ڏکيائين ۾ وجهڻ نه، پر غلط پاليسين جي نشاندهي ڪرڻ، متبادل تجويزون پيش ڪرڻ ۽ قومي معاملن تي مثبت ڪردار ادا ڪرڻ آهي. جيڪڏهن حڪومت پنهنجي هر فيصلي کي درست سمجهي ۽ مخالف ڌر هر قدم کي رد ڪرڻ کي پنهنجو فرض سمجهي، ته پوءِ مسئلن جو حل ڪيئن نڪرندو؟

جمهوري نظام ۾ حڪومت ۽ مخالف ڌر هڪ ٻئي جا دشمن نه، پر هڪ ئي ملڪ جي سياسي عمل جا حصا آهن. سندن سوچ مختلف ٿي سگهي ٿي، ترجيحون الڳ ٿي سگهن ٿيون ۽ پاليسين تي اختلاف به ٿي سگهن ٿا، پر ملڪ جي سلامتي، معيشت، عوام جي ڀلائي ۽ آئين جي بالادستي جهڙن معاملن تي گهٽ ۾ گهٽ گڏيل رستو ڳولڻ ضروري آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ سياسي اختلافن باوجود اهم قومي معاملن تي صلاح مشورا ٿيندا آهن. اختلاف ختم ڪرڻ لازمي ناهي، پر اختلافن کي اهڙي نموني سنڀالڻ لازمي آهي، جو ملڪ جو نظام متاثر نه ٿئي.

اسان وٽ سياسي چڪتاڻ جو هڪ وڏو نقصان اهو به آهي ته قومي بحث جو رخ بار بار تبديل ٿي وڃي ٿو. ڪنهن ڏينهن بيانن جي جنگ شروع ٿئي ٿي، ٻئي ڏينهن احتجاج جو اعلان سامهون اچي ٿو، ٽئين ڏينهن ڪنهن اڳواڻ جي گرفتاري يا عدالتي ڪارروائي بحث جو مرڪز بڻجي وڃي ٿي. اهڙي ماحول ۾ تعليم، صحت، زراعت، پاڻي، صنعت ۽ روزگار بابت سنجيده گفتگو کي گهربل جاءِ نٿي ملي. اهي مسئلا ڪنهن هڪ جماعت يا حڪومت جا نه، پر پوري ملڪ جا مسئلا آهن، جن جو اثر لکين خاندانن تي پوي ٿو.

سياسي اڳواڻن کي اهو سمجهڻ گهرجي ته احتجاج ۽ اختلاف جو حق جمهوريت جو حصو آهي، پر ان حق سان گڏ ذميواري به لاڳاپيل آهي. احتجاج اهڙو هجڻ گهرجي، جيڪو ماڻهن جي آواز کي سگهارو بڻائي، نه ڪي عام شهرين جي روزاني زندگيءَ کي مڪمل طور مفلوج ڪري ڇڏي. رستن جي بندش، ڪاروباري سرگرمين جي معطلي ۽ آمدرفت ۾ رڪاوٽن جو نقصان اڪثر انهن ماڻهن کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو، جن جو سياسي فيصلن ۾ ڪو سڌو ڪردار به ناهي هوندو. روزاني مزدوري ڪندڙ ماڻهوءَ جي هڪ ڏينهن جي ڪمائي بند ٿيڻ سندس گهر جي ماني تي اثر وجهي سگهي ٿي. تنهن ڪري سياسي جدوجهد ۾ عوام جي تڪليفن کي به نظر ۾ رکڻ گهرجي.

ساڳئي طرح حڪومت کي به سياسي اختلافن جو جواب رڳو سخت بيانن يا طاقت جي استعمال سان ڏيڻ بدران قانون، دليل ۽ ڳالهين جي رستي سان ڏيڻ گهرجي. جتي قانون جي ڀڃڪڙي ٿئي، اتي قانون موجب ڪارروائي ٿيڻ گهرجي، پر هر اختلاف کي دشمني سمجهڻ يا هر تنقيد کي رد ڪرڻ سان سياسي فاصلا گهٽجڻ بدران وڌندا آهن. حڪومت جي مضبوطي رڳو ان ڳالهه ۾ ناهي ته اها پنهنجي مخالفن کي ڪيترو پوئتي ڌڪي ٿي، پر ان ۾ به آهي ته اها عوام جي مسئلن کي ڪيتري اثرائتي نموني حل ڪري ٿي ۽ اختلاف رکندڙ ڌرين سان ڪيتري سياسي بالغ نظريءَ جو مظاهرو ڪري ٿي. پارليامينٽ ۽ ٻيا آئيني ادارا پنهنجي پنهنجي دائري ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. سياسي معاملن کي آئيني طريقي سان حل ڪرڻ لاءِ پارليامينٽ ۾ بحث، قانوني سوالن لاءِ عدالتن سان رجوع ڪرڻ ۽ اختلافن جي خاتمي لاءِ ڳالهين جا دروازا کليل رکڻ ضروري آهي. ڪنهن به هڪ اداري کان هر سياسي مسئلي جو حل گهرڻ يا ادارن کي سياسي چڪتاڻ ۾ ڇڪڻ سان مسئلا وڌيڪ ڳنڀير ٿي سگهن ٿا. ادارن جو احترام ان وقت مضبوط ٿيندو، جڏهن هر ڌر پنهنجي آئيني حدن کي تسليم ڪندي ۽ اختلافن جو حل قانوني ۽ جمهوري رستي سان ڳوليندي.

سياسي چڪتاڻ جو اثر رڳو سياسي حالتن تائين محدود ناهي رهندو. مسلسل غير يقيني صورتحال سيڙپڪاري، ڪاروبار ۽ روزگار جي موقعن تي به اثر وجهي سگهي ٿي. جڏهن واپاري ۽ سيڙپڪار مستقبل بابت غير يقيني محسوس ڪن ٿا، تڏهن نوان منصوبا شروع ڪرڻ ۾ احتياط ڪن ٿا. ان جو اثر صنعتن، دڪاندارن ۽ روزگار ڳوليندڙ نوجوانن تائين پهچي سگهي ٿو. ملڪ جي معيشت کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ سياسي استحڪام اهم آهي. پر اهو استحڪام صرف نعرا هڻڻ سان نه، پر اعتماد، شفاف پاليسين ۽ ذميوار سياسي روين سان پيدا ٿيندو آهي.

اسان جي نوجوان نسل کي به مايوسيءَ بدران اميد ۽ عملي رستو ڏيڻ جي ضرورت آهي. نوجوان ملڪ جو مستقبل آهن، پر جيڪڏهن سندن سامهون روزگار جي کوٽ، تعليم جا مسئلا ۽ سياسي دشمنيءَ جا منظر ئي رهندا، ته سندن اعتماد ڪمزور ٿي سگهي ٿو. سياسي جماعتن کي نوجوانن کي رڳو جلسن ۾ نعرا هڻڻ يا هڪ ٻئي خلاف سوشل ميڊيا تي مهم هلائڻ لاءِ استعمال ڪرڻ بدران کين تعليم، تربيت، روزگار ۽ قومي ترقيءَ جي منصوبن ۾ حقيقي حصو ڏيڻ گهرجي. نوجوانن جي توانائي جيڪڏهن مثبت رخ ۾ استعمال ٿيندي ته ملڪ کي فائدو ٿيندو، پر جيڪڏهن اها مسلسل نفرت ۽ تڪرار ۾ ضايع ٿيندي ته نقصان سڄي سماج کي ٿيندو.

سوشل ميڊيا سياسي چڪتاڻ کي وڌائڻ يا گهٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ڪنهن به خبر جي تصديق کان سواءِ ان کي پکيڙڻ، مخالفن لاءِ توهين آميز بولي استعمال ڪرڻ ۽ اختلاف رکندڙ ماڻهن کي دشمن سمجهڻ سان سماج ۾ ورهاست وڌي ٿي. سياسي جماعتن جي حامين کي به اهو سمجهڻ گهرجي ته پنهنجي اڳواڻ سان وفاداريءَ جو مطلب هر ڳالهه کي بنا سوچڻ جي صحيح قرار ڏيڻ ناهي. جمهوريت ۾ سوال ڪرڻ، دليل ڏيڻ ۽ حقيقتن جي بنياد تي راءِ قائم ڪرڻ ضروري آهي. سياسي اختلاف کي ذاتي دشمني بڻائڻ سان نه ملڪ مضبوط ٿيندو، نه عوام جا مسئلا حل ٿيندا.

هن وقت سڀ کان وڌيڪ ضرورت اهڙي سياسي ماحول جي آهي، جنهن ۾ حڪومت پنهنجي ذميوارين کان پاسو نه ڪري، مخالف ڌر پنهنجي آئيني ۽ جمهوري ڪردار کي ذميواريءَ سان ادا ڪري ۽ سڀئي ڌريون قومي مفادن کي ذاتي يا جماعتي مفادن کان مٿي رکن. ڳالهين جي شروعات لاءِ هر ڌر کي پنهنجي موقف تي قائم رهندي به لچڪ ڏيکارڻي پوندي. ڳالهين جو مطلب ڪنهن هڪ ڌر جي هار يا ٻي جي فتح ناهي. پر اهڙو گڏيل رستو ڳولڻ آهي، جنهن سان سياسي اختلاف برقرار رهندي به ملڪ جو نظام هلي ۽ عوام جي مسئلن تي ڪم ٿي سگهي.

عوام کي رڳو اهو ٻڌڻ ۾ دلچسپي ناهي ته ڪهڙي جماعت ڪهڙي جماعت کي شڪست ڏني. ڪهڙي اڳواڻ ڪهڙو بيان ڏنو يا ڪهڙي ڌر پنهنجي موقف تان پوئتي هٽي. عوام اهو ڏسڻ چاهي ٿو ته بجليءَ جا بل گهٽائڻ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا ويا، روزگار جا نوان موقعا ڪڏهن پيدا ٿيندا، سرڪاري اسپتالن ۾ علاج جون سهولتون ڪڏهن بهتر ٿينديون، اسڪولن ۾ معياري تعليم ڪيئن ملندي ۽ ننڍن شهرن توڙي ٻهراڙين جا بنيادي مسئلا ڪڏهن حل ٿيندا. سياسي قيادت جي اصل آزمائش انهن سوالن جا جواب ڏيڻ ۽ نتيجا ڏيکارڻ ۾ آهي.

ملڪ کي سياسي اختلافن کان خالي ڪرڻ ممڪن به ناهي ۽ ضروري به ناهي، ڇاڪاڻ ته مختلف خيالن جو موجود هجڻ جمهوريت جي سونهن آهي. پر اختلافن کي دشمنيءَ ۾ تبديل ٿيڻ کان روڪڻ، ڳالهين جا رستا کليل رکڻ ۽ قومي مسئلن تي گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ سياسي قيادت جي ذميواري آهي. اقتدار اڄ هڪ جماعت وٽ آهي ته سڀاڻي ٻي وٽ به اچي سگهي ٿو، پر ملڪ ۽ عوام هر دور ۾ موجود رهندا. سياسي اڳواڻن جا فيصلا تاريخ جو حصو بڻجن ٿا، تنهن ڪري انهن کي اهو سوچڻ گهرجي ته سندن عملن سان ايندڙ نسلن لاءِ ڪهڙو مثال قائم ٿي رهيو آهي.

هاڻي وقت اچي ويو آهي ته سياسي بيانن کان اڳتي وڌي عملي نتيجن تي ڌيان ڏنو وڃي. حڪومت کي پنهنجي ڪارڪردگي عوام آڏو رکڻ گهرجي، مخالف ڌر کي تنقيد سان گڏ قابلِ عمل تجويزون ڏيڻ گهرجن ۽ ٻنهي ڌرين کي قومي معاملن تي ڳالهين لاءِ سنجيده قدم کڻڻ گهرجن. سياسي اختلافن جو حل ضد، الزام ۽ مسلسل محاذ آرائيءَ ۾ ناهي، پر دليل، برداشت، قانون ۽ ڳالهين ۾ آهي.

آخرڪار سوال ساڳيو آهي: سياسي چڪتاڻ جو نقصان ڪنهن کي ٿي رهيو آهي؟ اقتدار جي جنگ ۾ اڳواڻ پنهنجون سياسي پوزيشنون بچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پر ان جنگ جو بار اڪثر عام ماڻهوءَ جي ڪلهن تي پوي ٿو. غريب جي گهر ۾ مهانگائيءَ گهٽجڻ، نوجوان کي روزگار ملڻ، مريض کي علاج حاصل ٿيڻ ۽ ٻار کي معياري تعليم ڏيڻ کان وڌيڪ اهم ڪا به سياسي ڪاميابي نٿي ٿي سگهي. عوام هاڻي بيانن بدران نتيجا، تڪرار بدران حل ۽ الزامن بدران ذميواري ڏسڻ چاهي ٿو. سياسي قيادت کي اهو سمجهڻ گهرجي ته عوام جي صبر کي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي. عوام ووٽ ڏئي نمائندا چونڊي ٿو ته جيئن سندس زندگي بهتر ٿئي، نه ته هو هر روز سياسي چڪتاڻ جا نوان نتيجا ڀوڳيندو رهي.

جيڪڏهن سياست عوام جي خدمت کان پري ٿي وڃي ته پوءِ اقتدار جي ڪاميابي به بي معنيٰ رهجي ويندي، ڇاڪاڻ ته ملڪ جي حقيقي ڪاميابي ڪنهن هڪ جماعت جي فتح ۾ نه، پر عوام جي خوشحالي، امن ۽ بهتر مستقبل ۾ لڪل آهي.

پاڪستان کي بارڊر بند ڪرڻ جي ضرورت ڇو پيش آئي؟

اعجاز ممنائي

چوندا آهن ته جڏهن پاڙيسري جي باهه پنهنجي گهر تائين پهچي، ته دروازو بند ڪرڻ ئي عقلمندي آهي پاڪستان ۽ ايران جي بارڊر (سرحد) تي واپار کي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو مڪمل طور تي معطل ڪيو ويو آهي. پاڪستان جي وزارتِ تجارت پاران سيڪيورٽي خدشن ۽ سمگلنگ جي روڪٿام لاءِ تفتان ۽ گبد (رمدان) وارن مکيه سرحدي رستن تان هر قسم جي تجارتي سرگرمين کي عارضي طور تي بند ڪرڻ جو حڪمنامو جاري ڪيو ويو آهي. هن تازه ترين صورتحال جا اهم نقطا هيٺيان آهن هن بندش جو اهم سبب بلوچستان ۾ وڌندڙ سيڪيورٽي خدشن، اغوا جي وارداتن ۽ غير قانوني سمگلنگ کي روڪڻ لاءِ بارڊر مئنيجمينٽ کي وڌيڪ سخت ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري هن فيصلي سبب بارڊر جي ٻنهي پاسن کان اٽڪل 2,000 کان وڌيڪ مال بردار ٽرڪون ۽ ڪنٽينر ڦاسجي ويا آهن، جنهن ڪري ايل پي جي (LPG)، ميون ۽ ٻين ضروري شين جي آمد و رفت سخت متاثر ٿي آهي ايراني پرڏيهي وزارت هن بندش کي "ٽيڪنيڪي مسئلو" قرار ڏنو آهي ۽ چيو آهي ته ٻئي ملڪ جلد معاملا حل ڪري واپار بحال ڪرڻ لاءِ رابطي ۾ آهن. پاڪستاني اختيارين جو چوڻ آهي ته هي هڪ عارضي قدم آهي. پاڪستان هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن جون سرحدون ٻن اهم پاڙيسري ملڪن، اولهه ۾ افغانستان ۽ ڏکڻ اولهه ۾ ايران سان ملن ٿيون هن وقت پاڪستان جا ٻئي اهم بارڊر بند آهن عام ماڻهو پڇي ٿو ته آخر اهڙي ڪهڙي مجبوري آهي جو پنهنجي ئي مسلمان پاڙين سان واپار ۽ اچ وڃ بند ڪرڻي پئي ان جا سبب سياست کان وڌيڪ سيڪيورٽي سان لاڳاپيل آهن افغانستان بارڊر 12 آڪٽوبر 2025 کان طورخم ۽ چمن بارڊر مڪمل بند آهن_ سڀ کان وڏو سبب پاڪستان جي ادارن موجب، 2025 ۾ پاڪستان ۾ ٿيل 90 سيڪڙو کان وڌيڪ دهشتگرد حملن جي رٿابندي افغانستان جي سرزمين تان ٿي خاص طور تي ڪالعدم TTPجا دهشتگرد افغانستان ۾ محفوظ پناهگاهن ۾ ويٺا آهن پاڪستان حڪومت 2023 کان وٺي افغانستان کي ڏڍين ڪن ثبوت ڏنا، پر طالبان حڪومت نه رڳو انهن نه ڪئي، پر انهن حملن جي مذمت به نه ڪئي فيبروري 2026 ۾ پاڪستاني هوائي فوج افغانستان اندر انهن ٺڪاڻن تي بمباري ڪئي جتي کان پاڪستان تي حملا ٿي رهيا هئا ان کان پوءِ ٻنهي ملڪن جي سرحدي فوجن ۾ سڌي فائرنگ ٿي، جنهن ۾ جاني نقصان ٿيو

انگريزن جي دور کان هلندڙ "تذڪره" سسٽم جنهن تحت بغير ويزا جي اچ وڃ ٿيندي هئي، اهو ختم ڪري نئون ويزا ۽ پاسپورٽ وارو نظام لاڳو ڪيو ويو آهي ته جيئن ڪيراچي توڙي توان جو رڪارڊ هجي هڪ سال جي بندش سان ٻنهي ملڪن کي 400 ارب رپين کان وڌيڪ جو واپاري نقصان ٿيو آهي عام افغان مريض جيڪي پشاور ۾ علاج لاءِ ايندا هئا، سي به متاثر ٿيا آهن

تازو ايران بارڊر 17 آڪٽوبر 2026 تي تفتان ۽ گبد_ريمدان بارڊر عارضي بند ڪيا ويا ان جا ٽي سبب آهن:

1. سيڪيورٽي ۽ اغوا جا واقعا: بلوچستان ۾ تازو اغوا جا واقعا وڌي ويا آهن سرڪار جو چوڻ آهي ته بارڊر جي انتظام کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڏينهن لاءِ واپار روڪيو ويو آهي
2. اسمگلنگ: ايران مان تيل، ڊيزل ۽ ٻين شين جي وڏي پيماني تي اسمگلنگ ٿي رهي آهي، جنهن سان پاڪستان جي پنهنجي معيشت کي نقصان ٿي رهيو آهي
3. عالمي پابنديون: هي سڀ کان نئون سبب آهي آمريڪي ناڻي واري وزارت 5 آڪٽوبر تي ايران جي بينڪن تي نيون پابنديون لڳايون آهن هنن خبردار ڪيو آهي ته جيڪا به پاڪستاني بينڪ ايران سان واپار ڪندي، ان تي به پابندي لڳندي تنهن ڪري اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان احتياط طور واپار روڪيو آهي هن وقت 2000 کان وڌيڪ ڪنٽينر بارڊر تي بيٺا آهن بارڊر بند ڪرڻ ڪو حل نه آهي، پر هڪ مجبوري آهي هڪ طرف اسان جي جوانن جون حياتيون آهن، ٻئي طرف واپارين جو روزگار

آخر ان جو حل اهو آهي ته افغانستان پنهنجي سرزمين ڪنهن ٻئي ملڪ خلاف استعمال نه ٿيڻ ڏيڻ جي عالمي واعدي کي پورو ڪري ايران ۽ پاڪستان گڏيل سيڪيورٽي ميڪنزم ٺاهين بارڊر تي جديد اسڪينر ۽ قانوني واپار کي هٿي ڏني وڃي ته جيئن اسمگلنگ جي ضرورت ئي نه رهي بارڊر تي پت اڏڻ سان دلين ۾ پت نه اڏڻ گهرجي پاڙيسري بدلجي نٿا سگهجن، پر پاڙيسري سان رهڻ جو طريقو ضرور بدلجي سگهجي ٿو

بقايا *** 01

، واپار، لنگهه رابطن ۽ اقتصادي هم آهنگي جي فروغ جي لاءِ پرعزم آهي. ايس سي او کي گڏيل قومن، آسيان، اقتصادي تعاون تنظيم (اي سي او) ٻين عالمي ۽ علائقائي مالياتي ادارن سان منظم حصيداري کي سگهه ڏيڻ گهرجي ته جيئن هڪ جامع علائقائي نظام کي سگهه ڏئي سگهجي. هن اهڙن خيالن جو اظهار اڳاري ڏينهن هتي ايس سي او حڪومتي سربراهن واري ڪائونسل جي اجلاس (توسيع ٿيل فارميٽ) کي خطاب ڪندي ڪيو. نائب وزيراعظم اسحاق ڊار تاجڪستان جي قيادت، حڪومت ۽ عوام جا شاندار ميزباني ۽ بهترين انتظامن تي ٿورائتا ڪيا ۽ وزيراعظم قاهر رسول زاده کي اجلاس جي ڪامياب ميزباني تي مبارڪباد ڏني. هن چيو ته پاڪستان ايس سي او جي بنيادي اصولن ۽ "شنگهائي اسپرٽ" جي لاءِ پرعزم آهي جنهن جو بنياد گڏيل اعتماد، برابري، مشاورت، ثقافتي هڪ جهڙائي جي احترام ۽ گڏيل خوشحالي تي آهي. اسحاق ڊار چيو ته ڏکڻ ايشيا ۽ يوريشيا کي ڳنڍيندڙ قدرتي پل جي حيثيت سان پاڪستان علائقائي هم آهنگي، واپار، ٽرانزٽ رابطن ۽ اقتصادي هم آهنگي جي فروغ جي لاءِ پرعزم آهي. پاڪستان ان ڳالهه تي پختو يقين رکي ٿو ته علائقائي چڪتاڻ جي حل لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري موثر ترين رستو آهي. هن چيو ته پاڪستان پاران اولهه ايشيا ۾ رابطن جي فروغ ۽ چڪتاڻ ۾ گهٽتائي جون ڪوششون تعميري سفارتڪاريءَ جي عزم جي عڪاسي ڪن ٿيون. پاڪستان آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ثالثي جي ڪوشش ۾ پڻ مصروف آهي ۽ پائيدار امن ۽ استحڪام جي لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ ٽڪرارن جي پرامن حل جي سمورين ڪوششن جي حمايت جاري رکندو. نائب وزيراعظم چيو ته علائقائي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ گڏيل تعاون تي ٻڌل ۽ پائيدار حل ضروري آهي. هن چيو ته پنهنجي قائم ٿيڻ جي 25 سالن ۾ ايس سي او هڪ علائقائي اعتمادسازي جي پليٽ فارم کان ترقي ڪري هڪ اهم بين البراعظمي تنظيم بڻجي چڪي آهي جيڪا دنيا جي 40 سيڪڙو کان وڌيڪ آباديءَ جي نمائندگي ڪري ٿي. خودمختيار برابري ۽ اتفاق راءِ جي اصولن تي قائم رهندي تنظيم علائقائي امن جي تحفظ، گڏيل سلامتي جي چئلينجز کي منهن ڏيڻ ۽ يوريشيا ۾ رابطن جي لاءِ مضبوط بنياد فراهم ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو ته ايس سي او جي ميمبر ملڪن جي وچ ۾ واپار ۾ نمايان اضافو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته تعاون تي ٻڌل گهڻ رخو نظام گڏيل براعظم ۽ استحڪام ۽ پائيدار ترقي کي موثرانداز ۾ اڳتي وڌائي سگهي ٿو اسحاق ڊار چيو ته اهم عالمي واپاري لنگهن جي سنگم تي موجود ايس سي او خطي ۾ عالمي اقتصادي ترقي جي انجڻ بڻجڻ جي ڀرپور صلاحيت موجود آهي. قدرتي وسيلن، ٽيڪنيڪي ترقي ۽ انساني وسيلن مان فائدو ڪندي تنظيم يوريشيا ۾ ڊيجيٽل تبديلي، صنعتي ترقي ۽ پائيدار اقتصادي واڌويجهه جي قيادت ڪري سگهي ٿي. هن ايس سي او ملڪن جي وچ ۾ اقتصادي تعاون ۽ عالمي حصيداري جي فروغ جي لاءِ ڪيترين ئي تجويزون پيش ڪندي چيو ته تنظيم جي چيمبرز آف ڪامرس ۽ بزنس ڪائونسل جي ڪردار کي موثر بڻايو وڃي، ڪاروباري ادارن جي وچ ۾ سڌوسنئون رابطو قائم ڪيو وڃي، گڏيل واپاري نمائشون منعقد ڪيون وڃن ۽ ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن جي مدد جي لاءِ ڪسٽمز طريقڪار کي آسان بڻايو وڃي. نائب وزيراعظم چيو ته ايس سي او ۽ انٽربئنڪ ڪنسرشيم (آءِ بي سي) کي مضبوط بڻائڻ، مقامي ڪرنسين ۾ واپار ۽ ادائيگين جي عمل کي تيز ڪرڻ ۽ سرحد پار ادائيگين جي نظام ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن ٻاهرين مالياتي خطرا گهٽ ٿين ۽ واپار جي لاءِ مالي مدد کي آسان بڻائي سگهجي. هن چيو ته ايس سي او ترقياتي بئنڪ قائم ٿيڻ تائين انٽربئنڪ ڪنسورشيم بنيادي ڍانچي جي بهتري جي منصوبن جي مالي مدد ۾ وڌيڪ فعال ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. حبيب بئنڪ لميٽيڊ (ايچ بي ايل) جيڪا هن وقت ڪنسورشيم جي صدارت ڪري رهي آهي ٻين ميمبر ادارن سان ويجهي رابطي جي ذريعي ان کي اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڏئي سگهي ٿي. اسحاق ڊار چيو ته ايس سي او کي گڏيل قومن، آسيان، اقتصادي تعاون تنظيم (اي سي او) ٻين عالمي ۽ علائقائي مالياتي ادارن سان منظم حصيداري کي سگهه ڏيڻ گهرجي ته جيئن هڪ جامع علائقائي نظام کي سگهه ڏئي سگهجي. هن چيو ته ايندڙ 25 سالن جي لاءِ ايس سي او جي حڪمت عملي ٽيڪنيڪي جدت، موسمياتي تبديلي جي مقابلي جي صلاحيت، توانائي جي تحفظ ۽ محفوظ سپلاءِ چينز تي هجڻ گهرجي. ان سان گڏ يوريشيا ۾ توانائي ۽ ٽرانسپورٽ لنگهن کي فعال بڻائڻ ۽ عوامي رابطن، ثقافتي ماتستا ۽ تعليمي حصيدارين کي فروغ ڏيڻ جي ضرورت آهي. نائب وزيراعظم ايس سي او جي حڪومتي سربراهن واري ڪائونسل جي 27 – 2026ع جي لاءِ صدارت سنڀالڻ تي ازبڪستان جي وزيراعظم کي هڪ ڀيرو ٻيهر مبارڪباد ڏني ۽ چيو ته پاڪستان آگسٽ 2027ع ۾ اسلام آباد ۾ ايس سي او ملڪي سربراهن جي اجلاس جي ميزباني ۽ ميمبر ملڪن جي اڳواڻن جي آجيان ڪرڻ جو منتظر آهي. هن چيو ته پاڪستان هڪ پرامن، گڏيل نوس ۽ خوشحال ايس سي او برادري قائم ڪرڻ جي عزم تي قائم آهي ۽ گڏيل ڪوشش جي ذريعي ميمبر سمورن ميمبر ملڪن جي عوام جي لاءِ پائيدار خوشحالي جو مستقبل جوڙي سگهجي ٿو.

بقايا *** 02

۽ صحت جي ادارن ۾ طبي سهولتن، علاج جي معيار ۽ خدمتن جي بهتري جي لاءِ موثر قدمن جي هدايت ڪئي آهي. اڳاري ڏينهن وزيراعظم آفيس مان جاري بيان موجب وزيراعظم شهباز شريف سان قومي صحت واري وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ قومي صحت واري وزارت بابت معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. وزيراعظم وفاقي حڪومت جي انتظام هيٺ اسپتالن ۽ صحت جي ادارن ۾ طبي سهولتن، علاج جي معيار ۽ خدمتن جي بهتري جي لاءِ موثر قدم جي هدايت ڪئي. هن ملڪ جي مجموعي ۽ سياسي صورتحال تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

بقايا *** 03

چيو آهي. ته پارليامينٽ سميت سڄي ملڪ ۾ سگريٽ نوشي تي پابندي جي قانون تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. خيبر پختونخوا صوبي جي ضم ٿيل علائقن ۾ شمسي توانائي جي پلانٽس لاءِ ساڍا 13 ارب روپيا رکيا ويا آهن. 5 هزار گهرن ۾ شمسي توانائي جي يونٽس جي فراهمي جي اعلان جلدي ٿيندو. اڳاري ڏينهن قومي اسيمبلي جي اجلاس دوران عامر ڊوگر شير افضل مروت ۽ نعيم ڪشمور پاران اٿاريل نقطي جي جواب ڏيندي وفاقي وزير چيو ته پارليامينٽ جي لابيز ۾ تمام گهڻي سموڪنگ ڪئي ويندي آهي. ملڪ ۾ قانون آهي ته عوامي هنڌن تي اهڙي طرح سگريٽ نوشي نٿي ڪري سگهجي پر ان تي عمل نٿو ڪيو وڃي. ڪئنٽين ۾ نو سموڪنگ تي عمل ڪيو وڃي. عمارتن ۽ ٽرانسپورٽ سميت سڄي ملڪ ۾ ان تي عمل ڪيو وڃي. صوبائي حڪومتون به ان تي عمل ڪن. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته پارليامينٽ هائوس ۾ ميمبرن لاءِ مخصوص ايريا آهي جنهن ۾ هو ويهي سگهن ٿا. ايم اين ايز کي ان حوالي سان مثالي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ترقياتي بجيٽ ۾ بلوچستان لاءِ 200 ارب روپيا رکيا ويا آهن اسان ڪي پي ڪي ۾ گذريل سال ساڍا 13 ارب روپيا اڳوڻي فاٽا جي ضلعن ۾ سولر سسٽم جي يونٽ وڌائڻ لاءِ ڏنا پر اڳوڻي حڪومت ڪجهه نه ڪيو. وزيراعظم جلد انهن علائقن ۾ 5 هزار کان وڌيڪ گهرن لاءِ شمسي توانائي جي يونٽن جي فراهمي جو اعلان ڪندو.

بقايا *** 04

ن ۽ اهلڪارن کي معطل ڪيو ويو آهيپوليس ذريعن موجب ڊي آءِ جي سائوٿ اسد رضا جي انڪوائري ۾ سي آءِ اي پوليس کي وڌيڪ قصوروار قرار ڏنو ويو، جنهن ڪانپوءِ ڪراچي پوليس چيف ڊي آءِ جي سائوٿ جي سفارش تي ڪارروائي ڪندي ايس آءِ يو (سي آءِ اي) جي 11 ۽ ضلعي وسطي پوليس جي 5 اهلڪارن کي معطل ڪري ڇڏيوواقعي ڪانپوءِ ٻنهي يونٽن جي ڊي ايس پيز کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن. جڏهن ته ايس پي سينٽرل ۽ ايس ايس پي ايس آءِ يو کي ليٽر آف ايڊوائس ۾ جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب معطل آفيسر ۽ اهلڪارن کي ڳاڙين هيڊ ڪوارٽر ۾ معطل اهلڪارن جي ڪمپنيءَ ۾ موڪلي ڏنو ويو آهي.

بقايا *** 05

ب ملاقات دوران داخلي سيڪيورٽي سان لاڳاپيل شعبن ۾ ٻه طرفي تعاون وڌائڻ تي تفصيلي ويچار ڪيو ويو. ٻنهي وزيرن سيڪيورٽي پارٽنرشپ وڌائڻ تي اتفاق ڪيوملاقات ۾ خطي جي موجوده صورتحال ۽ علائقائي امن ۽ استحڪام جي معاملن تي به ڳالهه ٻولهه ٿي ملاقات دوران وزارتن داخلا جي وچ ۾ ٻه طرفي تعاون کي مستحڪم بڻائڻ جي عزم کي ورجايو ويو ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو ته داخلي سيڪيورٽي بابت باهمي تعاون ۽ پائيداري کي مضبوط ڪيو ويندووزير داخلا محسن نقوي چيو ته پاڪستان ۽ قطر علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن. جڏهن ته قطري وزير داخلا چيو ته هو پاڪستان سان لاڳاپن کي انتهائي اهميت ڏين ٿا

بقايا *** 06

يرسٽر گوهر چيو ته تحريڪ انصاف هميشه دهشتگرديءَ جي مذمت ڪئي آهي، پر دهشتگرديءَ کي جواز بڻائي ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪيو ويو. هن چيو ته وفاقي حڪومت جا الزام رد ڪري ڇڏيا آهن ۽ پارٽيءَ کان عوامي مينڊيٽ کسيو ويو آهي. هن وڏي وزير جي گرفتاري خلاف هر فورم تي آواز اٿارڻ ۽ پارٽي قيادت جي آزاديءَ جو مطالبو پڻ ڪيو. پي ٽي آءِ اڳواڻ سلمان اڪرم راجا گورنر راڄ کي جمهوريت تي حملو قرار ڏيندي چيو ته صوبي ۾ حڪومت، وڏو وزير، اسيمبلي، عدالتون ۽ پوليس موجود هوندي به اهڙو قدم کنيو ويو هن دعويٰ ڪئي ته صوبائي اسيمبليءَ مان گهربل ٺهراءُ به منظور نه ڪرايو ويو، سندس چوڻ هو ته 2007ع ۾ به غيرآئيني ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي هئي. جڏهن ته هن پيري پي ٽي آءِ جي ترقياتي منصوبن جون تختيون به ٽوڙيون پيون وڃن. ٻئي طرف محمود اڇڪزئي چيو ته سندن وزيراعظم سان ڪا ذاتي دشمني ناهي. پر چئن ڪروڙ ماڻهن جي مينڊيٽ سان مذاق ڪيو ويو آهي. هن چيو ته پي ٽي آءِ جي سيٽن کي مال غنيمت سمجهي ورهايو ويو. جيڪڏهن اهڙن قدمن خلاف آواز نه اٿاريو ويو ته تاريخ کين معاف نه ڪندي.

بقايا *** 07

ت کي محفوظ ۽ منظم بڻائڻ ۾ مدد ملنديمقامي هوٽل ۾ منعقد تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر عذرا پيچوهو چيو ته ڊجيٽل نظام مستقبل ۾ صحت بابت پاليسي سازيءَ لاءِ اهم ثابت ٿيندو. طبي خدمتن جي فراهمي ۽ صحت جي شعبي جي انتظامي خرچن ۾ شفافيت يقيني بڻائڻ ۾ مدد ملنديهن ٻڌايو ته صحت جي شعبي ۾ استعمال ٿيندڙ مختلف انتظامي ۽ معلوماتي نظامن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيو ويندو انهن ۾ اسپتالن جو انتظامي ۽ معلوماتي نظام، پورٽل ٽريڪنگ سسٽم، ڊسٽرڪٽ هيلٿ انفارميشن سسٽم ٿو ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيڪل رڪارڊ شامل آهن. انهن نظامن جي انضمام سان مريضن جي رڪارڊ تائين رسائي ۽ صحت جي خدمتن جي فراهمي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملنديصوبائي وزير صحت جو چوڻ هو ته ڊجيٽل نظام ذريعي دوائن ۽ ٻين طبي سامان جي ترسيل سميت انتظامي خرچن جي نگرانيءَ ۾ شفافيت آندي ويندي. مريضن کي بهتر طبي سهولتون ڏيڻ لاءِ سڀني منصوبن جي وقت سر مڪمل ٿيڻ ۽ لاڳاپيل ادارن جي وچ ۾ گڏيل ڪوشش جي ضرورت آهي.

بقايا *** 08

ن بدنامي ۽ بابت شڪايت جي جاچ جي سلسلي ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (ايس يو پي) جي صدر سيد زين شاهه کي 22 آڪٽوبر تي ڪراچيءَ ۾ طلب ڪري ورتو آهي. ايس يو پي فيصلو ڪيو آهي ته سيد زين شاهه ذاتي حيثيت ۾ اين سي آءِ اي آڏو پيش نه ٿيندو، پر سندس جاءِ تي وڪيل پيش ٿي پنهنجو موقف پيش ڪندا. هوڏانهن ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر سيد زين شاهه خلاف مبينا سياسي انتقام جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. هن چيو ته اختلاف راءِ رکڻ ڪو ڏوهه ناهي. هن چيو ته ڪنهن به اداري کي انهن ماڻهن کي ڊيڄارڻ، هيسائڻ يا دٻاءُ ۾ آڻڻ لاءِ استعمال نه ڪرڻ گهرجي. جيڪي پنهنجن اصولن تي قائم آهن ۽ عوام جي حقن لاءِ پرامن جدوجهد ڪن ٿا. ذوالفقار ڀٽو جونيئر چوڻ هو ته سياسي اختلاف رکندڙ ماڻهن کي هيسائڻ بدران سندن راءِ ۽ جمهوري حقن جو احترام ٿيڻ گهرجي. سيد زين شاهه کي طلب ڪرڻ واري معاملي ۽ سندس خلاف سياسي انتقام جي الزامن تي سياسي حلقن ۾ بحث شروع ٿي ويو آهي.

بقايا *** 09

ڪيو ويو آهي. سنڌ جي اسڪول ايجوڪيشن کاتي خطرناڪ ۽ غير محفوظ عمارتن ۾ قائم خانگي اسڪولن خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تحت جامع معائنو شروع ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. اسڪول ايجوڪيشن کاتي پاران ڊائريڪٽوريٽ جنرل آف پرائيويٽ انسٽيٽيوشنز اينڊ رجسٽريشن آف پرائيويٽ انسٽيٽيوشنز سنڌ کي جاري ڪيل خط ۾ هدايت ڪئي وئي آهي ته 15 ڏينهن اندر اسڪولن جو معائنو شروع ڪري خطرناڪ، جزوي طور متاثر ۽ ڍانچي جي لحاظ کان غير محفوظ عمارتن جي نشاندهي ڪئي وڃي. خط موجب 16 آڪٽوبر تي سيڪريٽري ايجوڪيشن جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ خطرناڪ عمارتن ۾ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن جي حفاظت بابت ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي. هدايتن ۾ واضح ڪيو ويو آهي

بقايا *** 10

مئجسٽريٽ ايسٽ جي عدالت ۾ آخري چالان پيش ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو، جنهن تي تفتيشي اختيارين چالان جمع ڪرائڻ لاءِ وڌيڪ مهلت گهريعدالت درخواست منظور ڪندي تفتيشي آفيسر کي مهلت ڏني ۽ ايندڙ ٻڌڻيءَ تي آخري چالان لازمي طور جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي. عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 2 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. واضح رهي ته مير رضا قتل ڪيس بابت جوڊيشل ڪميشن پنهنجي ڪارروائي مڪمل ڪري چڪي آهي. پوليس موجب مير رضا جي لاش جولاءِ ۾ گلستان جوهر مان ملي هئي. جنهن ڪانپوءِ واقعي جو ڪيس ٿاڻي فيروز آباد ۾ داخل ڪيو ويو.

بقايا *** 11

لڪارن کي معطل ڪري ڇڏيو آهي ته ڊي آءِ جي ڏکڻ سيد اسد رضا جي جاچ رپورٽ جي روشنيءَ ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي پوليس سب انسپيڪٽر نورالله جان پٺاڻ سميت سينٽرل پوليس جي 4 اهلڪارن کي معطل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته سي آءِ اي پوليس جي 12 اهلڪارن خلاف به معطليءَ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن. جاچ رپورٽ موجب مخبر جي اطلاع تي هڪ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿيو هو جنهن دوران صورتحال خراب ٿي وئي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته جهيڙي دوران سي آءِ اي پوليس جي اهلڪارن مبينا طور سينٽرل ضلعي جي ڊي ايس پي جو موٽرسائيڪل کسي زبردستي پاڻ سان گڏ کڻي ويا هئا. واقعي جي جاچ ڪانپوءِ ذميوار اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي آهي. پوليس اختيارين طرفان 16 اهلڪارن جي معطليءَ کي جاچ رپورٽ جي روشنيءَ ۾ کنيل قدم قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا *** 12

فيصلي ۾ عدالت قائداعظم جي تقرير جي روشنيءَ ۾ سرڪاري ملازمن لاءِ اصول واضح ڪندي چيو ته حڪومتون، وزيراعظم ۽ وزيراعليٰ ايندا رهندا آهن. جڏهن ته ڪنهن جي سياسي حمايت يا مخالفت ڪرڻ سرڪاري ملازمن جو ڪم ناهي. عدالت قرار ڏنو ته سياستدانن کي سرڪاري ملازمن جي ڪم ۾ مداخلت نه ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته اهڙي مداخلت سان ڪرپشن، رشوت خوري ۽ اقرباپروري جهڙيون برايون جنم وٺن ٿيون. فيصلي ۾ سرڪاري ملازمن کي هدايت ڪئي وئي ته هو پنهنجي ملازمت جي ساک، وقار، عزت ۽ ايمانداري برقرار رکن. عدالت واضح ڪيو ته ترقي ڪو لازمي حق ناهي، پر ضابطن موجب منصفاڻي جائزي جو حق ضرور حاصل آهي. ٽي ڀيرا ترقي ملتوي ٿيڻ سان نه آفيسر کي پاڻمرادو ترقيءَ جو حق نٿو ملي. عدالت پوليس آفيسر تنوير احمد طاهر جي ترقيءَ لاءِ دائر ڪيل درخواست رد ڪندي ملازمت جي مدي بابت لاڳاپيل کاتي يا اسٽيبلشمينٽ ڊويزن سان رابطو ڪرڻ جي هدايت ڪئي. فيصلي موجب گريڊ 20 ۾ ترقيءَ لاءِ 70 نمبر گهربل هئا، جڏهن ته تنوير طاهر 63.56 نمبر حاصل ڪيا هئا. عدالت چيو ته سينٽرل سليڪشن بورڊ جي صوابديدي اختيار ۾ مداخلت جو ڪو جواز ناهي. عدالت وڌيڪ قرار ڏنو ته ترقي روڪڻ لاءِ قانوني جواز ۽ معقول سبب هجڻ لازمي آهن. احتساب ريفرنس ۾ بريت ڪانپوءِ ترقيءَ ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي بنياد جو ٻيهر جائزو وٺڻ ضروري آهي. جڏهن ته ترقيءَ جي معاملي ۾ من ماني يا امتيازي ورتاءَ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي.

بقايا *** 13

ٿيڻ بعد فيصلو محفوظ ڪري ورتو. ٻڌڻيءَ دوران پراسيڪيوشن عدالت کي آگاهه ڪيو ته دهشتگردي توڙ عدالت جوابدار محمد سليم کي ٽي ڀيرا عمر قيد جي سزا ٻڌائي هئي. جوابدار تي پاڪستان خلاف هٿيارن کڻڻ، جارحيت، ڌماڪيدار مواد رکڻ ۽ ٻين الزامن تحت ڪيس داخل ٿيل آهن. پراسيڪيوشن موجب 7 آڪٽوبر 2024ع تي اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (ايس آءِ يو) کي منهوڙي واري علائقي ۾ 'را' جي مبينا ايجنٽ جي موجودگيءَ بابت اطلاع مليو. جنهن تي موٽرسائيڪل سوار جوابدار کي روڪي تلاشي ورتي وئي، پراسيڪيوشن دعويٰ ڪئي ته جوابدار وٽان پستول، ڌماڪيدار مواد، اوان بم، راڪيٽ لانچر ۽ پاسپورٽ هٿ آيا هئا. عدالت کي اهو پڻ ٻڌايو ويو ته محمد سليم مبينا طور غيرقانوني طريقي سان پاڪستاني شهريت حاصل ڪئي هئي. ٻئي طرف جوابدار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته مقدس لڳايل الزام بي بنياد آهن ۽ انهن جي حمايت ۾ ڪو به ثبوت موجود ناهي. دفاعي وڪيل عدالت کان ماتحت عدالت پاران ٻڌايل سزا ڪالعدم قرار ڏيڻ جي اپيل ڪئي. ڌرين جا دليل مڪمل ٿيڻ بعد سنڌ هاءِ ڪورٽ اپيل تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو.

بقايا *** 14

درخواستگذارن کان اعتراضن بابت وضاحت طلب ڪئي. ٻڌڻيءَ دوران عدالت پڇائو ڪيو ته درخواستگذارن کي ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ تي ڪهڙي حد تائين اعتراض آهي؟درخواستگذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته خيبرپختونخواهه ۾ ڪم ٿيل ضلعن جي حد تائين گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ درست آهي. عدالت پڇيو ته ڇا درخواست ۾ نيشنل ايڪشن پلان جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟ جيڪڏهن ان جو ذڪر ڪان جواب طلب ڪيو وڃي ته ان لاءِ ڪهڙو بنياد هوندو؟بعد ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 10 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 15

مهلت طلب ڪئي وئي، جوڊيشل مئجسٽريٽ اوڀر جي عدالت ۾ ڪيس جي ٻڌڻيءَ دوران جاچ اختيارين چالان جمع ڪرائڻ لاءِ وڌيڪ وقت گهريو عدالت جاچ آفيسر کي ايندڙ ٻڌڻيءَ تي حتمي چالان پيش ڪرڻ جي هدايت ڪندي ڪيس جي ٻڌڻي 2 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. واضح رهي ته مير رضا قتل ڪيس بابت جوڊيشل ڪميشن جي ڪارروائي مڪمل ٿي چڪي آهي. پوليس موجب مير رضا جو لاش جولاءِ مهيني ۾ گلستان جوهر واري علائقي مان هٿ آيو هو جڏهن ته واقعي جو ڪيس فيروزآباد ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو.

بقايا *** 16

۾ سازن طرفان تڪراري جملو ڪڍيو وڃڻ ڪانپوءِ 10 ڏينهن ۾ فلم جي سرٽيفڪيشن تي ٻيهر غور ڪيو وڃي جسٽس يوسف علي سعيد ۽ جسٽس عدنان اقبال چوڌري تي مشتمل ٻن رڪني بينچ جي سيماب گل ۽ ٻين جي درخواست تي فيصلو ٻڌائيندي قرار ڏنو ته جيڪڏهن سنڌ سينسر بورڊ ٻين صوبن جي سينسر بورڊن کان مختلف فيصلو ڪرڻ چاهي پئي ته ان کي واضح ۽ معقول قانوني سبب پيش ڪرڻ ضروري هئا. پر بورڊ ائين ڪرڻ ۾ ناڪام رهيوعدالت موجب وفاقي ۽ پنجاب سينسر بورڊ فلم کي اڳ ۾ ئي نمائش لاءِ منظور ڪري چڪا هئا. جڏهن ته سنڌ سينسر بورڊ ان جي منظوري روڪي ڇڏي هئي. عدالت ان کان اڳ به بورڊ کي قانون مطابق نئين سر فيصلو ڪرڻ ۽ فلم سازن کي پنهنجو موقف پيش ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ جي هدايت ڪري چڪي هئيعدالت حڪم ڏنو ته فلم سازن طرفان اعتراض نمبر 7 ۾ شامل مخصوص جملو ڪڍيو وڃڻ ڪانپوءِ سنڌ سينسر بورڊ 10 ڏينهن اندر سرٽيفڪيشن جو معاملو نبيري. بورڊ فلم کي عوامي نمائش جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪري سگهي ٿو. پر وڌيڪ تحفظات جي صورت ۾ فلم سازن کي ذاتي ٻڌڻي جو موقعو ڏئي قانون مطابق نئين درجه بندي يا ضروري هدايتون جاري ڪرڻيون پونديونعدالت واضح ڪيو ته سنڌ سينسر بورڊ پنهنجن اڳوڻين اعتراضن کان اڳتي وڌي فلم تي ڪو نئون اعتراض عائد نٿو ڪري سگهي.

بقايا *** 17

. ڊائريڪٽوريٽ جنرل آف اميگريشن اينڊ پاسپورٽس ملڪ ڀر ۾ مشين ريڊيبل پاسپورٽ ختم ڪري جديد ترين اي پاسپورٽ تي منتقل ٿيڻ جي تاريخ ۾ تبديلي ڪري ڇڏي آهي. هاڻي هن نئين نظام جو آغاز 15 آڪٽوبر بدران 23 آڪٽوبر 2026ع کان ٿيندوپاليسيءَ تحت 23 آڪٽوبر 2026ع کان پاڪستان ڀر جي سڀني پاسپورٽ آفيسن ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ قائم پاڪستاني سفارتي مشنن مان نئين پاسپورٽ لاءِ درخواست ڏيندڙن کي رڳو اي پاسپورٽس جاري ڪيا ويندا.ان کان اڳ اي پاسپورٽس جي لازمي اجراءَ لاءِ 16 آڪٽوبر جي تاريخ مقرر ڪئي وئي هئي. نئين مشين ريڊيبل اجراءَ سميت انهن پاسپورٽس جي تجديد 22 آڪٽوبر تائين جاري رهندياميگريشن اختيارين شهرين کي واضح ڪيو آهي ته 23 آڪٽوبر کان اڳ جاري ٿيل سڀ مشين ريڊيبل پاسپورٽ پنهنجي ميعاد ختم ٿيڻ تائين مڪمل طور ڪارآمد رهندا. جن شهرين وٽ صحيح ايم آر پي پاسپورٽ موجود آهن، کين ميعاد ختم ٿيڻ کان اڳ انهن کي تبديل ڪرائڻ جي بلڪل ضرورت ناهياختيارين موجب اي پاسپورٽ سسٽم تي منتقلي جو بنيادي مقصد پاسپورٽ سروسز کي جديد بڻائڻ ۽ سفري دستاويزن جي حفاظت ۽ استعداد ڪار کي عالمي معيار مطابق بڻائڻ آهي.

بقايا *** 18

ي سلسلي ۾ ضروري انتظام مڪمل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون. اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، سي اي او ٽرانس ڪراچي زبير چنه، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر يلو لائين ڪمال دايو، ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي بهزاد ميمڻ ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر شريڪ ٿيا. ان موقعي تي اختيارين سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ کي ٽرانسپورٽ منصوبن تي اڳڀرائي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. جڏهن ته يلو لائين ۽ ريڊ لائين جي تعميراتي ڪم، بي آر ٽي منصوبن جي پاڻ ۾ انضمام ۽ نين ڊبل ڊيڪر ۽ اليڪٽرڪ بسن جي روٽن سميت مختلف معاملن تي تفصيلي غور ڪيو ويو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته بي آر ٽي جي مختلف لائينن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ سان شهرين کي پنهنجي منزل تائين پهچڻ ۾ آساني ٿيندي. صرف بي آر ٽي لائينن جي تعمير ڪافي ناهي، پر انهن جي وچ ۾ اثرائتو سفري رابطو قائم ڪرڻ ۾ ضروري آهي. هن چيو ته اورنج لائين، گرين لائين، ريڊ لائين ۽ يلو لائين کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ سان شهرين کي بهتر سفري سهولتون ميسر ٿينديون ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهبوسينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ هدايت ڪئي ته يلو لائين ۽ ريڊ لائين جي منصوبن جي تعميراتي ڪمن ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي. هن خاص طور تي تاج حيدر پل جي ٻئي حصي تي ڪم تيز ڪرڻ ۽ يلو لائين جي ٻين حصن جي تعمير ۾ رفتار وڌائڻ جا حڪم جاري ڪيا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت پبلڪ ٽرانسپورٽ جي دائري ۾ واڌ ڪرڻ ۽ شهرين کي بهتر مربوط ۽ جديد سفري نظام فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي.

بقايا *** 19

روفيتن سبب دورو منسوخ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهيان کان اڳ حڪومتي ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف کي خيبر پختونخوا جي مجموعي صورتحال، امن امان، انتظامي معاملن ۽ ترقياتي منصوبن بابت بريفنگ ڏني وڃڻي هئيذريعن ٻڌايو ته وزيراعظم جي دوري دوران گورنر هائوس ۾ سندس صدارت ۾ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيڻو هو. جنهن ۾ صوبي جي درپيش اهم مسئلن ۽ تازين پيش رفتن جو تفصيلي جائزو ورتو وڃڻو هووزيراعظم شهباز شريف سان گڏ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ وفاقي وزير داخلا محسن نقوي کي به شرڪت ڪرڻي هئي.

بقايا *** 20

پوريشن ۾ پراپرٽي ٽيڪس جي اڳاڙي 2.3 ارب روپين مان وڌائي 25.5 ارب روپيا ڪرڻ لاءِ عالمي بئنڪ جي تعاون سان هلندڙ پروگرام ۽ سنڌ جي ٻوڏ متاثرن جي گهرن جي ٻيهر تعمير جي ٽئين مرحلي لاءِ يورپي انويسٽمينٽ بئنڪ پاران 115 ملين يورو جو فنانسنگ پيڪيج شامل هئا. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خاص مددگارن، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه ۽ لاڳاپيل سيڪريٽرين شرڪت ڪئي. وڏي وزير ڪابينا کي پنهنجي تازي چين جي دوري بابت بريفنگ ڏني ۽ چيني حڪومت پاران دعوت ڏيڻ تي ٿورائتو ٿيو ۽ سرمائيڪاري، واپار، ٽيڪنالاجي، توانائي، زراعت ۽ ترقيءَ ۾ تعاون وڌائڻ جي موقعن کي نمايان ڪيو. سنڌ ڪابينا پاران وڏي وزير جي چين دوري جي نتيجن جو جائزو: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ ڪابينا کي پنهنجي تازي چين جي دوري جي نتيجن بابت بريفنگ ڏني جنهن ۾ توانائي، زراعت، پاڻي جي انتظام، تعليم، صحت، صنعت ۽ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي ۽ سرمائيڪاريءَ جي موقعن ۾ تعاون کي نمايان ڪيو ويو. ڪابينا لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته انهن معاهدن ۽ تجويزن تي پيروي ڪري ۽ کين عملي منصوبن، روزگار جي موقعن ۽ بهتر عوامي خدمتن ۾ تبديل ڪن. وڏي وزير ڪابينا کي ٻڌايو ته سنڌ ۽ چين جي هوبي (Hubei)صوبي هڪ تجويز ڪيل گڏيل تعاون ڪائونسل ذريعي پنهنجي ڀائيواري کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي. شنگهائي سنڌ انويسٽمينٽ اينڊ ٽريڊ ڪانفرنس ۾ 400 کان وڌيڪ وفدن شرڪت ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ 36 ايم او يوز (MoUs) تي صحيحون ٿيون. جن مان 12 سنڌ حڪومت سان. 5 سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني سان ۽ 19 نجي شعبي جي ڪمپنين سان لاڳاپيل هئا. هي پائيداري توانائي، مائننگ، پيداوار، زراعت، لاجسٽڪ، تعليم ۽ ڊجيٽل انفراسٽرڪچر تي ٻڌل آهي. وفد ٿري گورجز ڊيم جو دورو ڪيو ته جيئن هائيڊرو پاور، ٻوڏ جي انتظام ۽ درياهي نيويگيشن ۾ چين جي تجربي جو مطالعو ڪري سگهجي. تجويزن ۾ ايچانگ (Yichang) جي سکر جي ۾ سسٽر سٽي وارو انتظام شامل هو جڏهن ته چيني ڪمپنين کي سکر بئراج جي دروازن جي بدلڻ واري عمل ۾ حصو وٺڻ ۽ پاڻيءَ جي منتقلي جي منصوبن جو جائزو وٺڻ جي دعوت ڏني وئي. توانائي واري شعبي ۾ شنگهائي اليڪٽرڪ گروپ سان ڳالهين ۾ ٿر ڪوئلي جي ڊيولپمينٽ شامل هئي. ڪوئلي مان ڪيميڪل ٺاهڻ جي ٽيڪنالاجي، قابل تجديد توانائي، بيٽري اسٽوريج ۽ زراعت لاءِ مائن جي پاڻيءَ جي استعمال تي بحث ڪيو ويو شنگهائي اليڪٽرڪ ڪراچي لاءِ سمنڊ جي پاڻي کي مٺو ڪرڻ واري پلانٽ لاءِ هڪ تصوراتي تجويز تيار ڪرڻ تي پڻ اتفاق ڪيو زرعي تعاون ۾ هائبرڊ چانورن، تيل وارن ٻجن جي پوک، بايو فرٽيلائيزرز ۽ تحقيق تي توجهه ڏني وئي. جڏهن ته تعليم واري کاتي کي هدايت ڪئي وئي ته هو

بقايا *** 21

اختيارين سان ملاقاتون ڪندو. ايراني ميڊيا موجب دوري دوران پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ ٻه طرفي سهڪار، اهم معاملن ۽ خطي جي موجوده صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي. رپورٽن موجب ملاقاتن ۾ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڳالهين ۽ ثالثيءَ جي عمل ۾ پاڪستان جي ڪردار تي پڻ غور ڪيو ويندو.

بقايا *** 22

خاص معاون ڊاڪٽر امجد علي سميت ٻين خلاف آمدنيءَ کان وڌيڪ اثاثن ۽ ڪرپشن جي الزامن جي جاچ جي سلسلي ۾ 5 طلبي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. نيب پاران چئن شاهدن باچا سيد، محمد عارف شاهه، سراج احمد ۽ نويد احمد کي 20 کان 22 آڪٽوبر تائين طلب ڪيو ويو آهي. اختيارين اسلام آباد جي ايتيين هائوسنگ سوسائٽي ۽ جلوزئي هائوسنگ اسڪيم ۾ ملڪيتن جي الاٽمينٽ، مالڪيءَ ۽ ادائيگين جو رڪارڊ طلب ڪري ورتو آهي. جڏهن ته خيبرپختونخواهه جي اڪائونٽنٽ جنرل آفيس کان لاڳاپيل ماڻهن جي پگهارن، الائونسز، ٻين مراعتن ۽ سفري رڪارڊ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. نيب خبردار ڪيو آهي ته نوٽيسن تي عمل نه ڪرڻ جي صورت ۾ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا *** 23

شاهه ڪراچي ۾ هڪ نئين تصديق ٿيل پوليو ڪيس جو سخت نوٽيس ورتو ۽ هڪ هنگامي اجلاس طلب ڪيوجنهن ۾ صحت کاتي کي جامع جاچ ڪرڻ، وائرس جي ذريعي جي سڃاڻپ ڪرڻ ۽ ان جي وڌيڪ ڦهلاءَ کي روڪڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي وئي. ڪراچي جي ضلعي اوڀر جي جمالي ڪالوني يونين ڪائونسل ۾ هڪ ڇهن مهينن جي ٻار ۾ پوليو وائرس جي تصديق ٿي آهي. هن بيماري جي خاتمي لاءِ حڪومت جي مسلسل ڪوششن جي باوجود ڪيس سامهون اچڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي وڏي وزير ان انفيڪشن سان لاڳاپيل حالتن بابت تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي. هنگامي اجلاس ۾ صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه ۽ سيڪريٽري صحت طاهر سنگي شرڪت ڪئي. وڏي وزير مراد سيڪريٽري صحت ۽ لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته اهي

بقايا *** 24

بندي لڳائڻ لاءِ آئين ۾ ڪيترين ئي گنجائشون موجود آهن. پر سياسي حڪومت هوندي اهڙو قدم کڻڻ نٿا چاهيون. پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته حڪومت گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جي به خواهشمند نه هئي. سندس چوڻ هو ته گذريل 14 سالن دوران تحريڪ انصاف دهشتگرديءَ کي ڪڏهن ڪو مسئلو ئي نه سمجهيو. طلال چوڌري وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن حڪومت اوپلا اچيل، ٻئي گالا يا مراد سعيد جي حوالي ڪئي ويندي ته اهڙيءَ جا نتيجا سامهون ايندا.

بقايا *** 25

۽ نه ئي اسرائيل جي چونڊن ۾ مداخلت ڪندو. پرڏيهي ميڊيا موجب سندس بيان آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران نتنياهو جي کليل حمايت جي اعلان ڪانپوءِ سامهون آيو آهي. هڪ پروگرام ۾ انٽرويو دوران کانس پڇيو ويو ته ڇا هو ٽرمپ جي حمايت ڪانپوءِ نتنياهو جي ٽوثيق ڪندو؟جواب ۾ جي ڊي وينس چيو ته آمريڪي صدر جي حمايت سياسي تاريخ ۾ انتهائي اثرائتي آهي. پر سندس ڌيان آمريڪي اميدوارن ۽ وچ مدي وارين چونڊن تي آهي. هن واضح ڪيو ته هو نه ته نتنياهو جي حمايت جي مخالفت ڪري رهيو آهي ۽ نه ئي سندس حمايت ڪري رهيو آهي، پر اسرائيل جي چونڊ عمل کان پاڻ کي پري رکي رهيو آهي. واضح رهي ته صدر ٽرمپ 27 آڪٽوبر تي اسرائيل ۾ ٿيندڙ چونڊن لاءِ نتنياهو جي مڪمل ۽ غيرمشروط حمايت جو اعلان ڪيو هو.

بقايا *** 26

ملاقات ڪئي جنهن دوران ٻنهي ملڪن وچ ۾ سيڙپڪاري، ٻطرفو واپار ۽ اقتصادي تعاون وڌائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات ۾ وزيراعظم جي واپار ۽ صنعت بابت ڪوآرڊينيٽر راڻا احسان افضل خان ۽ واپار واري سيڪريٽري جواد پال ۾ موجود هو جاري پريس رليز موجب ان موقعي تي واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان چيو ته آمريڪا سان واپاري ۽ اقتصادي لاڳاپن کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ پاڪستان جي ترجيحن ۾ شامل آهي. ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپار، سيڙپڪاري ۽ نجي شعبي جي تعاون سان وسيع موقعا موجود آهن. ملاقات ۾ پاڪستاني انب ۽ کجور جي آمريڪي مارڪيٽ تائين پهچ جي حوالي سان به تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي. واپار واري سيڪريٽري چيو ته پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ گڏيل واپاري معاهدي تي جاري ڳالهين ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي.

بقايا *** 27

يڊن کي ٽرمپ جي ڪينساس جي دوري کان اڳ گرفتار ڪيو ويوآمريڪي کاتي انصاف موجب جيڊن سوشل ميڊيا تي ٽرمپ کي گولي هڻڻ جي ڳالهه ڪئي هئي ۽ هڪ پوسٽ ۾ دعويٰ ڪئي ته هن ٽرمپ جي تقرير واري هنڌ جي آس پاس جي عمارتن جي ڇت جو نقشو به تيار ڪري رکيو آهي. اهي تبصرا ٽرمپ جي 19 آڪٽوبر تي وچيتا جي دوري بابت مقامي ميڊيا جي پوسٽن جي جواب ۾ ڪيا ويا هئااختيارين کي واقعي جي اطلاع ڪرائم اسٽاپرز ذريعي 15 آڪٽوبر تي مليو. جنهن ڪانپوءِ آمريڪي سيڪرٽ سروس، ايف بي آءِ / وفاقي اختيارين، ڪينساس بيورو آف انويسٽيگيشن، هاءِ وي پيٽرول ۽ وچيتا پوليس تحقيقات شروع ڪئي. جيڊن کي ڪليئر واٽر مان گرفتار ڪري وفاقي حراست ۾ ڏنو ويوڪينساس جي وفاقي پراسيڪيوٽر ريان ڪريگ هاڙ چيو ته سياسي تشدد ۽ ان جي ڌمڪين کي برداشت نه ڪيو ويندو. آئين سياسي اختلاف راءِ جي اجازت ڏئي ٿو پر ان جون به قانوني حدون آهنجيڊن کي حراست ۾ رکڻ جو فيصلو ڊيٽينشن هيئرنگ تائين برقرار رهندو. وفاقي قانون تحت صدر کي ساهه کڻڻ يا جسماني نقصان پهچائڻ جي ڌمڪيءَ جي الزام ۾ ڪيس ۾ پنج سال قيد جي سزا ٿي سگهي ٿي.

بقايا *** 28

ڇڏي آهي. گرين ٽرانزيشن ٽول ڪٽ جي ذريعي فيڪٽرين کي بجلي ۽ پاڻي جي بچت، گدلاڻ ۾ گهٽتائي، ماحول دوست مشينري جي استعمال ۽ ڪاربن مان مالي مدد حاصل ڪرڻ ۾ رهنمائي فراهم ڪئي ويندي ته جيئن پاڪستاني مصنوعات عالمي منڊين جي ماحولياتي معيارن تي پوريون لهي سگهن ۽ برآمدات کي هٿي ملي. تقريب ۾ اسٽيٽ بئنڪ جي ڊپٽي گورنر سليم الله خان، سنڌ جي ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ سامونڊي ترقي واري سيڪريٽري فيصل احمد عقيلي، ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان جي ڊائريڪٽر جنرل ۽ چيف ايگزيڪيوٽو حماد نقي، جرمن اداري (GIZ)جي نمائندي يوليا بازيئو، برطانوي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر ايلسن بليڪ برن ۽ ڊبليو ڊبليو ايف جي بين الاقوامي نمائندن سميت سرڪاري آفيسرن، ماحولياتي نمائندن ۽ ڪاروباري شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مقررين تقريب کي خطاب ڪندي ٽيڪسٽائيل صنعت کي ماحول دوست بڻائڻ لاءِ اثرائتي حڪومتي پاليسي، مالي ادارن جي سهڪار ۽ سرڪاري توڙي نجي شعبن جي وچ ۾ شراڪت داريءَ تي زور ڏنو. هن چيو ته رڳو پاليسي ٺاهڻ ڪافي ناهي، ان تي عملدرآمد. صنعتن کي عملي رهنمائي ۽ ماحول دوست منصوبن لاءِ مالي وسيلن جي فراهمي کي به يقيني بڻائڻ پوندو. ان سلسلي ۾ اسٽيٽ بئنڪ ۽ ٻيا مالي ادارا اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا ته جيئن ننڍيون صنعتون به جديد ٽيڪنالاجي اپنائي سگهن ۽ عالمي ماحولياتي معيارن تي پوريون لهن. تقريب کي خطاب ڪندي

بقايا *** 29

گڏ بئنڪ صارفين جي معلومات تائين غير مجاز رسائي ۽ مبينا طور ڪجهه بئنڪ ملازمن جي ڪردار تي به سوال اٿيا آهنرپورٽ موجب متحده قومي موومينٽ جي ميمبر قومي اسيمبلي فرحان چشتي کي 12 جنوري تي اسلام آباد ايئرپورٽ پهچڻ تي معلوم ٿيو ته سندس موبائل سم بند ٿي چڪي آهي. موبائل ڪمپنيءَ جي سروس سينٽر کان خبر پئي ته سندس نمبر تي سندس درخواست کانسواءِ ڊپليڪيٽ سم جاري ڪئي وئي هئي.

بقايا *** 30

ل تعاون ۽ سهڪاري عمل لاءِ پوري طرح تيار آهي. اهڙو اظهار وفاقي وزير ڪوريا جي گادي واري شهر سيئول ۾ منعقد "عالمي ڊجيٽل ۽ اي آءِ سمٽ" جي اعليٰ سطحي سيشن کي اهم مقرر جي حيثيت سان خطاب ڪندي ڪيو. هن واضح ڪيو ته وزيراعظم جي ڊجيٽل نيشن پاڪستان ويزن تحت پاڪستان مصنوعي ذهانت کي بنيادي طور تي نيٽ ورڪ اپ گريڊيشن ۽ تيز رفتار رابطي جي چئلينج طور ڏسي ٿو. ملڪ جي آباديءَ جو 70 سيڪڙو حصو 30 سالن کان گهٽ عمر جي نوجوانن تي ٻڌل آهي. جڏهن ته ٽيلي ڪام صارفين جو انگ 20 ڪروڙ کان وڌي چڪو آهي. جيڪو معياري ۽ جديد ڊجيٽل سهولتن جي وڌندڙ گهرج جو ثبوت آهي.

بقايا *** 31

چٺو مارجي ويو. جڏهن ته 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا.واقعي بعد علائقي ۾ ڇڪتاڻ پکڙجي وئي. جڏهن ته زخمين کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعي جا وڌيڪ تفصيل سامهون نه اچي سگهيا آهن.

بقايا *** 32

ڪيو ويو. سندس جنازي نماز ۾ وارثن ۽ علائقي واسين شرڪت ڪئي.ان موقعي تي مقتول استاد جي وارثن الزام هنيو ته بااثر ماڻهن پوليس جي مدد سان علائقي جو ماحول تباهه ڪري ڇڏيو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته شهيد بابر هنگورجو جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا *** 33

ي ۾ پوليس مقتول جي ماءُ نجمه ملاح جي مدعيت ۾ رڪشا ڊرائيور سميت ٻن ماڻهن خلاف قتل جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي. پر پوليس اڃا تائين ملزمن جي گرفتاريءَ جي تصديق نه ڪئي آهيڪيس ۾ رضا حسين چانڊيو ۽ احمد جمالي کي نامزد ڪيو ويو آهي. مدعي موجب مهڪ 17 آڪٽوبر جي رات جامشوري جي هڪ هوٽل ۾ موسيقيءَ جو پروگرام ڏسڻ وئي هئي. جنهن لاءِ رڪشا ڊرائيور کي گهرايو ويو هو. سندس چوڻ مطابق احمد جمالي به رڪشي ۾ هو. نجمه ملاح الزام لڳايو ته ٻنهي نامزد ماڻهن پاڻ ۾ صلاح ڪري مهڪ کي قتل ڪيو ۽ واقعي کي حادثي جو رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئيمقتول ۽ ڪيس ۾ نامزد ٻئي ماڻهو جامشوري جي سيد آباد ڪالونيءَ جا رهواسي ٻڌايا وڃن ٿا. واقعي ڪانپوءِ ملزمن جي گرفتاريءَ جون اطلاعون سامهون آيون. پر پوليس طرفان انهن جي گرفتاريءَ جي باضابط تصديق نه ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 34

، ڇاڪاڻ ته سندس چوڻ مطابق صوبائي حڪومت تحريڪ طالبان پاڪستان سان ڳالهيون ڪري انهن لاءِ سرحدون کوليون، پر سنڌ ۾ گورنر راڄ بدران نوان صوبا ٺاهڻ بهتر ٿيندوڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر ارشد وهرا سان گڏ ميمبر سنڌ اسيمبلي عامر صديقي به موجود هو. هن موقعي تي ضلعي ڏکڻ جي يونين ڪائونسل 2 ۽ 4 جي شهرين پليڪارڊ کڻي شرڪت ڪئيڊاڪٽر ارشد وهرا چيو ته قومي اسيمبلي جي حلقي اين اي 240 ۾ وفاقي فنڊن مان ايم ڪيو ايم ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايا آهن.

بقايا *** 35

ي فراهمي جزوي طور متاثر ٿيڻ جو امڪان آهي. واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان موجب ليڪيج جي اطلاع ملندي ئي مرمتي ڪارروايون شروع ڪيون ويون آهن. متاثر لائين ۾ پاڻي جو پريشر گهٽايو پيو وڃي. جيڪو گهربل سطح تي اچڻ بعد متاثر هنڌ تي ڊي واٽرنگ ڪئي ويندي. جنهن ڪانپوءِ ليڪيج والو جي مرمت جو ڪم مڪمل ڪيو ويندو. ترجمان وڌيڪ ٻڌايو ته واٽر ڪارپوريشن جا لاڳاپيل عملدار مرمتي ڪم جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورا دستياب وسيلا استعمال ڪري رهيا آهن ته جيئن شهرين کي پاڻي جي فراهميءَ ۾ پيش ايندڙ تڪليفن کي گهٽائي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 01

سونو اوٺو. عبدالستار اوٺو ۽ ٻين پاران نوجوان کي جاني نقصان پهچڻ جو خدشو ظاهر ڪندي چوهڙجمالي پريس ڪلب تي پريس ڪانفرنس ڪئي وئي ۽ بعد ۾ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي نوجوان جي وارثن چيو ته سجاول ضلعي جي پوليس صبح سوير سندن ڳوٺ تي چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪيو ۽ نوجوان اعجاز اوٺو کي مبينا طور بيگناهه گرفتار ڪري پاڻ سان گڏ کڻي وئي. هنن چيو ته جڏهن پوليس کان نوجوان جي گرفتاري بابت پڇاڻو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته پوليس اهلڪارن نوجوان کي گرفتار ڪري پاڻ سان گڏ کڻي وڃڻ کان پوءِ سندس بابت ڪا به ڄاڻ نه ڏني. وارثن خدشو ظاهر ڪيو ته نوجوان کي جاني نقصان پهچايو وڃي سگهي ٿو. هنن اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته جيڪڏهن نوجوان اعجاز اوٺو خلاف ڪو ڪيس داخل آهي ته ڪيس قانون موجب ظاهر ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ سندس وارثن کي سندس موجودگي بابت آگاهه ڪيو وڃي. هنن مطالبو ڪيو ته نوجوان جي حفاظت کي يقيني بڻائي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 02

ڪرڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. عدالت ملزم دانيه شاهه جي غيرحاضري تي سندس ناقابلِ ضمانت گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. عدالت ملزم کي گرفتار ڪري ايندڙ ٻڌڻي تي پيش ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنو. ٻڌڻي دوران ملزم جي وڪيل پاران دانيه شاهه جي حاضري کان ڇوٽ واري درخواست داخل ڪئي وئي. جنهن تي مدعي جي وڪيل اعتراض ڪيو.مدعي جي وڪيل جي اعتراض کانپوءِ عدالت حاضري کان ڇوٽ واري درخواست رد ڪري ڇڏي ۽ ملزم کي گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو.عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 28 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.واضح رهي ته مرحوم ڊاڪٽر عامر لياقت جون نازيبا وڊيوز مبينا طور وائرل ڪرڻ خلاف سندس نياڻي جي فرياد تي سائبر ڪرائم پاران دانيه شاهه خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو هو.

بقايا عوامي سوچ 03

شتعال انگيز تقرير واري ڪيس ۾ بريت خلاف پراسيڪيوشن جي اپيل ناقابلِ ٻڌڻي قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏي. عدالت ريمارڪس ڏيندي چيو ته ڪيس جو مدعي هڪ خانگي شخص هو، مدعي جي بدران پراسيڪيوشن پاڻمرادو ڪيئن اپيل داخل ڪري سگهي ٿي؟ٻڌڻي دوران پراسيڪيوشن موقف اختيار ڪيو ته دهشتگردي توڙ عدالت ماهه رنگ بلوچ جي بريت واري درخواست تي فيصلو ڪندي حقيقتن کي نظرانداز ڪيو. سرڪاري وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته جوابدار خلاف واضح شاهدين موجود آهن ۽ فرد جرم لاڳو ٿيڻ کان اڳ بريت جو فيصلو مناسب نه هو. پراسيڪيوشن وڌيڪ موقف اختيار ڪيو ته ٽرائل دوران شاهدين ۽ ثبوتن کي عدالت آڏو پيش ڪرڻو هوندو آهي. واضح رهي ته دهشتگردي توڙ عدالت ماهه رنگ بلوچ جي بريت واري درخواست منظور ڪندي ڪيس ڪيس مان بري ڪري ڇڏيو هو. ماهه رنگ بلوچ خلاف قائدآباد ٿاڻي تي اشتعال انگيزي جو ڪيس داخل ٿيل آهي.

بقايا عوامي سوچ 04

نڌ پوليس جي سهڪار سان ڊرائيونگ لائسنس ڪئمپ جو ڪامياب انعقاد ڪيو ويو ڪئمپ ۾ شهرين جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي ۽ موقعي تي ئي لائسنس نهرائڻ جي سهولت مان فائدو ورتو ڪئمپ ۾ مجموعي طور 195 شهرين جا ڊرائيونگ لائسنس ٺاهيا ويا، جن ۾ 125 مرد ۽ 70 عورتون شامل آهن صدر خادمين سنڌ فائونڊيشن ارشد علي عباسي هن موقعي تي چيو ته فائونڊيشن جو بنيادي مقصد عوام کي سندن در تي سهولت فراهم ڪرڻ آهي هن چيو ته اهڙين ڪئمپن سان نه صرف شهرين جو قيمتي وقت بچي ٿو پر ٽرئفڪ قانونن تي عمل کي به هٿي ملي ٿي. جنهن سان ٽرئفڪ حادثن ۾ گهٽتائي ايندي هن ڪئمپ جي ڪامياب انعقاد تي سنڌ پوليس ۽ پنهنجي ٽيم جا ٿورا مڃيا ۽ مستقبل ۾ به اهڙا عوامي ڀلائي جا پروگرام جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو

بقايا عوامي سوچ 05

ور ٿاڻي جي حد ۾ رواهي برادري جي پراڻي تڪرار تان هڪ ٻئي جي ڳوٺن مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ سبب اعجاز رواهي قتل ۽ 3ڄڻا زخمي زخمين ۾ اسحاق ۽ حنيف زخمي شامل زخمين کي علاج لاءِ اسپتال نيو ويو

بقايا عوامي سوچ 06

واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي، وڌيڪ خونريزي جو خطرو پڻ ظاهر ڪيو پيو وڃي. تفصيل موجب ارڙهين شاخ ويجهو زمين جي معاملي تان ڌرين وچ ۾ تڪرار شدت اختيار ڪري ويو، جنهن دوران فائرنگ ڪئي وئي. گولين لڳڻ سبب سڄڻ پنگوار سخت زخمي ٿي پيو. جيڪو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. جڏهن ته هڪ ٻيو ڄڻو پڻ سخت زخمي ٿي پيو. واقعي کان پوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي آهي ۽ ڪنهن به وقت وڌيڪ جهيڙي يا خونريزي ٿيڻ جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي. علائقي واسين پاران لاڳاپيل پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو پيو وڃي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي علائقي ۾ امن امان قائم رکڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. پوليس کان مطالبو: واقعي جي شفاف جاچ ڪري ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، زخمي کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ وڌيڪ جاني نقصان کان بچڻ لاءِ علائقي ۾ پوليس نفري مقرر ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 07

سن پليجو لڳ جنگشاهي ۾ پارٽيءَ جو نئون يونٽ قائم ڪري عهديدارن جو اعلان ڪيو ويو اعلان موجب سهيل احمد پليجو کي صدر، افسار علي پليجو کي سينيئر نائب صدر، شيزان علي پليجو کي نائب صدر، محمد اڪمل پليجو کي جنرل سيڪريٽري، محمد سليمان پليجو کي جوائنٽ سيڪريٽري، محمد رحيم پليجو کي اطلاعات سيڪريٽري ۽ تنوير علي جوکيو کي خزانچي مقرر ڪيو ويو. جڏهن ته ورڪنگ ڪميٽيءَ ۾ حماد پليجو، اعزاز پليجو، سجاد پليجو ۽ رضوان علي پليجو کي شامل ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته قومي عوامي تحريڪ کي هيٺين سطح تائين منظم ۽ مضبوط بڻائڻ سان سنڌ جي عوام جي حقن لاءِ جدوجهد کي وڌيڪ سگهارو بڻائي سگهجي ٿو. هنن چيو ته پارٽي سنڌ جي حقن جي حاصلات لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي

بقايا عوامي سوچ 08

ي اسڪيمون نه ملڻ خلاف علائقي واسين بلدياتي اليڪشن جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪري ڇڏيو صوبائي وزير محمد بخش خان مهر ضلع ڪائونسل چيئرمين ڪوبه واعدو وفا نه ڪيو آهي ڳوٺاڻن جون دانهون تفصيل موجب گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن توڙي جو ضلع ڪائونسل چيئرمين بنگل خان مهرجي نااهلي سبب جروار ۽ آس پاس جي علائقن ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف گزريل ڏينهن جروار جي رهواسي غلام بوزدار ۽ ٻين وڊيو بيان جاري ڪندي چيو آهي ته صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر اليڪشن وقت وڏا وڏا واعدا ڪري ويو پر هن وقت تائين جروار شهر ۽ اس پاس جا علائقا اسپتال ڊرينيج سسٽم صاف پاڻي روڊن رستن کان محروم بڻيل آهن جنهن سبب زهر وارو پاڻي پيئڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون هنن چيو ته ڳوٺ مير خان ڳبول ڳوٺ گلاب بوزدار ٻڍو بوزدار جا هزارين ماڻهون صاف پاڻي نه ملڻ سبب هيپا ٽائيٽس سميت ٻين موذي مرضن ۾ وڪوڙجي ويا آهن پر صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر ضلع ڪائونسل چيئرمين عوامي مسئلن کان لاتعلق بڻيل آهن هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي نوٽس وٺي ترقياتي ڪم شروع ڪرايا وڃن ٻي صورت ۾ بلدياتي اليڪشن ۾ چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو ويندو ٻي پاسي گهوٽڪي ضلعي جي سياسي سماجي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اڳوڻي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي عثمان عبدالله آرائين پنهنجي دور ۾ غير قانوني طريقي سان ڊولپمينٽ انچارج جي پوسٽ هڪ اسسٽنٽ مختيارڪار حوالي ڪري ڇڏي هئي جنهن سبب سال 2019 کان سال 2026 تائين جاٿايل ڊولپمينٽ انچارج پنهنجي جعلي ڪمپنين البراق بل گيٽس برائيٽ الحسيني جي نالن تي اربين روپين جي مبينه طور جعلي بلنگ ڪرائي پر هن وقت تائين احتساب ڪندڙ ادارن پاران ڪوبه نوٽس نه ورتو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 09

له جي سرپرستيءَ ۾ 16 کان 18 آڪٽوبر تائين ارباب امير حسن ڪرڪيٽ گرائونڊ، مٺي ۾ ڊويزنل سطح جو ڪرڪيٽ ٽورناميٽ منعقد ٿيو. جنهن ۾ ٿرپارڪر ۽ ميرپورخاص ڊويزن جي 16 ٽيمن حصو ورتو. ٽورناميٽ جو فائنل ٿرپارڪر جي مقامي ٽيمن ارباب امير حسن ڪرڪيٽ ٽيم ۽ ڏاراڻي لوورز وچ ۾ کيڏيو ويو. دلچسپ مقابلي کانپوءِ ڏاراڻي لوورز ڇهن وڪيٽن تان ڪاميابي حاصل ڪري چيمپيئن بڻجي وئي. تقريب ۾ خاص مهمانن طور ارباب جونيئر ارباب امير حسن، ارباب رضا الله، ارباب عبدالرحمان، ڊويزنل ڪوآرڊينيٽر اسپورٽس واشديو مالهي، سشيل سوني، واپاري ايسوسيئيشن جو صدر شام سندر، اسلم قائم خاني ۽ ٻين معزز شخصيتن، واپارين، شهرين ۽ ڪرڪيٽ جي شوقينن شرڪت ڪئي. تقريب دوران فاتح ۽ رنر اپ ٽيمن ۾ انعام ورهايا ويا. جڏهن ته بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ رانديگرن کي پڻ ايوارڊ ڏنا ويا. ٽورناميٽ جو مقصد نوجوانن ۾ راندين کي هٿي ڏيڻ. ڪرڪيٽ جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ ٿرپارڪر توڙي ميرپورخاص ڊويزن جي رانديگرن وچ ۾ ڀائيچاري ۽ راندين جي جذبي کي فروغ ڏيڻ هو.

بقايا عوامي سوچ 10

گجو روڊ تي ٽنل آر بي او ڊي نالي جي پل پرسان هڪ ڪار ۽ ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار ڪيترن ئي نامعلوم هٿياربندن پاران سندن رستا روڪ ڪري ڪاڻن ڦر ڪرڻ توڙي مٿن مبينا طور حملو ڪري کين نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پر هنن پنهنجي ڪار ۾ ڀڄي جان بچائي ورتي. ايس ايس پي ٺٽو کان نوٽيس وٺي درگاهه جي خدمتگارن کي تحفظ مهيا ڪرڻ جي گهر ڪري ڇڏي آهي. تفصيل موجب جنگشاهي ويجهو قديمي درگاهه حضرت سيد امير شاهه جيلاني رح جن جو ساليانو ڏيهاڙو سندس آخري آرام گاهه تي درگاهه جي خدمتگارن غلام قادر جوکيو ۽ حافظ صدام حسين جوکيو جي نگراني ۾ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو. ميلي ۾ منعقد ڪيل محفل واعظ ۾ مولوي علي حسن حسيني هاليچي وارا، مولوي محمد عيسي سومرو ۽ حافظ صدام حسين جوکيو پاران واعظ ڪندي چيو ته هڪ الله ۽ ان جي آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جي ڏسيل وات تي هلندي زندگي ۽ آخرت سنواريو. هنن چيو ته سنڌ ولين، بزرگن ۽ درويشن جي ڌرتي آهي، جن هميشه پيار، محبت، امن جو پيغام ڏنو آهي، اسانکي به گهرجي ته انهن جي پيغام کي عام ڪريون. جن جي مزارن تي وڃڻ سان سڪون ملي ٿو. آخر ۾ ننگر نياز پڻ ڪيو ويو. ٻئي طرف گذريل رات دير سان درگاهه جي خدمتگار غلام قادر جوکيو ۽ سندس فرزند حافظ صدام حسين جوکيو درگاهه تان پنهنجي ڪار ۾ گهر ڏانهن موٽندي آر بي او ڊي نالي جي پل پرسان هڪ ڪار ۽ ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار نامعلوم هٿياربند ڦورن هٿيارن جي زور تي سندن رستو بند ڪري ڪاڻن ڦر ڪرڻ توڙي مبينا طور مٿن حملي جي ڪوشش ڪئي وئي پر درگاهه جي خدمتگارن پنهنجي ڪار کي ڀڄائي پاڻ کي ڦرجڻ توڙي امڪاني نقصان کان بچائي ورتو آهي. صحافين سان ڳالهائيندي درگاهه جي خدمتگار غلام قادر جوکيو ۽ سندس فرزند حافظ صدام حسين جوکيو چيو ته هو درگاهه جو ساليانو ڏيهاڙو ختم ڪري گذريل رات اڍائي وڳي ڌاري درگاهه تان پنهنجي ڪار ۾ گجو طرف پنهنجي گهر وڃي رهيا هئا ته آر بي او ڊي نالي جي ٽنل پل پرسان هڪ ڪار توڙي ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار ڪيترن ئي هٿياربند ماڻهن سندن رستا روڪ ڪري ڪاڻن ڦر ڪرڻ توڙي کين نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. پر اسان پنهنجي ڪار کي بيهارڻ بجاءِ تيز رفتاري سان نڪري وياسين ته نامعلوم هٿياربندن اسانجو پيڇو ڪري اسانکي روڪڻ ۽ نقصان پهچائڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي پر اسان پنهنجي جان بچائي پنهنجي گهر پهچي وياسين. جنهن جو اطلاع پڻ حد جي پوليس کي ڪيو ويو. پر پوليس ڪا به ڪاروائي عمل ۾ آڻي ناهي سگهي. غلام قادر جوکيو چيو ته هن کان اڳ به مٿن ڪافي ڀيرا قاتلاڻا حملا توڙي ٻيون وارداتون ٿي چڪيون آهن. جن سمورين ٿيل وارداتن جون دانهون ايس ايس پي ٺٽو سميت حد جي پوليس کي ڏنيون ويون اهن. پر ساڻن نه انصاف ٿي سگهيو آهي ۽ نه ئي کين تحفظ ملي سگهيو اهي. هنن آءِ جي سنڌ. ڊي آءِ جي حيدرآباد. ايس ايس پي ٺٽو، ضلعي انتظامي ٺٽو ۽ چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪئي ته ساڻن انصاف ڪري کين تحفظ مهيا ڪرڻ سان گڏ درگاهه تي توڙي کين پوليس تحفظ لاءِ مهيا ڪئي وڃي. جيئن هو امڪاني نقصان توڙي ايندڙ حملن يا ڦرجڻ کان محفوظ رهي سگهن.

بقايا عوامي سوچ 11

گ گهٽائي رڪشه ڊرائيورن پاران کين وڌيڪ پريشاني کان بچائڻ جي گهر ڪري ڇڏي اهي. ان سلسلي ۾ رڪشه ايسوسيئشن ضلعي ٺٽي پاران رڪشه ڊرائيورن پاران پنهنجا رڪشه ڪٽي ٺٽي شهرجي مين اسٽاپ تي بيهاري اوچتو ٺٽي جي دڪاندارن پاران LPGگئس جا هڪ ڏينهن اندر 130 روپيه في ڪلو گئس تي هترادو اضافو ڪرڻ خلاف هڪ احتجاجي رڪشه ايسوسيئشن ضلعي ٺٽي جي صدر غلام حسين عرف غلان چانگ، محمد حنيف مينگل، خليفو محمد علي شيخ، لياقت ناريجو، منير احمد هالو جي اڳواڻي ۾ سخت احتجاج ڪندي چيو ته ملڪ ۾ اڳ ئي تيل جي روزانو وڌندڙ قيمتن سبب مهنگائي ۾ حد کان وڌيڪ اضافو ٿي ويو آهي. پر ٺٽي ۾ LPGگئس وڪرو ڪندڙ دڪاندارن هترادو هڪ ڏينهن اندر 440 روپيه في ڪلو گئس کي وڌائي 570 روپيه في ڪلو ڪري هڪ ڪلو تي 130 روپيه وڌائي ڇڏيا آهن. جيڪو بار رڪشه ڊرائيور برداشت نٿا ڪري سگهن. هنن چيو ته هو ٺٽي کان مڪلي سواري ڪٽي وڃن ٿا ته واپسي ۾ خالي اچڻو پوي ٿو. جنهن ڪري هن مهنگائي جي دور ۾ گذر ڪرڻ به مشڪل بڻجي ويو آهي. هنن گهر ڪئي ته فورن هترادو LPG گئس ج اگهه وڌائيندڙ دڪاندارن خلاف ڪاروائي ڪري کين سرڪاري اگهه 440 روپيه في ڪلو گئس ڏنو وڃي. جيئن هو روزگار ڪري پنهنجي ٻچڻ جو پيٽ پالڻ سميت رڪشن جي تاريخ به ڀري سگهن.

بقايا عوامي سوچ 12

حسين ڏاوچ ۽ ٻين سعيد شاهه سان ٽيليفونڪ رابطو ڪري سندس ڀاءُ جي وفات تي دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو آهي. اڳواڻن پنهنجي بيان ۾ چيو ته هن ڏک جي گهڙي ۾ اسان سوڳوار خاندان سان برابر جا شريڪ آهيون. الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ وارثن کي هي صدمو برداشت ڪرڻ لاءِ صبر جميل عطا فرمائي.

بقايا عوامي سوچ 13

ءَ جي حق کان محروم بڻيل آهي. نبي بخش شورو چيو ته معذور ڪوٽا تحت نوڪريءَ لاءِ سندس آرڊر ٿيڻ باوجود کيس پنهنجا حق نه ملي سگهيا آهن. جنهن سبب هو سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهي. هن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي. نوڪريءَ جي آرڊر ۽ مقرريءَ واري رڪارڊ جي تصديق ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن سندس الزام درست ثابت ٿين ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري کيس انصاف فراهم ڪيو وڃي. هن سنڌ حڪومت. فشريز کاتي جي اعليٰ اختيارين ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته معذور ڪوٽا تحت سندس نوڪريءَ واري معاملي جو فوري نوٽيس وٺي سندس حق بحال ڪيا وڃن.

بقايا عوامي سوچ 14

اڪرو ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شهرين روينيو، پوليس، آبپاشي، لائيو اسٽاڪ، بلديات، تعليم، صحت ۽ ٻين کاتن بابت پنهنجا مسئلا ۽ شڪايتون پيش ڪيون.ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ساڪرو نبي بخش سولنگي، سب رجسٽرار غلام مرتضيٰ ميمڻ، مختيارڪار انور ڪنيار، ايس ايڇ او گلزار ٽنيو، تعلقي ايجوڪيشن آفيسر ڪاشف آرائين سميت مختلف کاتن جا آفيسر موجود هئا. ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري چيو ته محتسب اعليٰ سنڌ جو ادارو سرڪاري کاتن بابت شهرين جي شڪايتن جي ازالي لاءِ هڪ مؤثر فورم آهي. هن شهرين تي زور ڀريو ته اهي پنهنجن جائز مسئلن جي حل لاءِ هن اداري سان رجوع ڪن.هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته شهرين جي شڪايتن جو سنجيدگيءَ سان جائزو وٺي، قاعدن ۽ ضابطن موجب ترت قدم کنيا وڃن ۽ سرڪاري سهولتن جي فراهميءَ ۾ عوام کي پيش ايندڙ ڏکيائين کي ختم ڪيو وڃي. کليل ڪچهري دوران شهرين جون شڪايتون نوٽ ڪيون ويون ۽ انهن جي حل لاءِ لاڳاپيل آفيسرن کي ضروري هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون

بقايا عوامي سوچ 15

ان مبينا ڦر ۽ تشدد. اطلاع تي وڏيري حاجي منور هاليو جي جاءِ واردات تي پهچڻ تي ڪهاڙين سان حملي جو الزام. ايف آءِ آر داخل نه ٿيڻ تي پوليس جي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿي ويا،ٺٽي ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال تي سنگين سوال اڀرڻ لڳا آهن. جتي مبينا ڦرن. تشدد ۽ شهرين توڙي مهمانن سان بدسلوڪيءَ جي واقعن عوام ۾ خوف ۽ بيچيني پيدا ڪري ڇڏي آهي. حيدرآباد—ٺٽو روڊ تي علي بحر اسٽاپ وٽ سعيد آباد کان آيل مهمانن پکين جي خريداري لاءِ بيٺا ته علي بحر تي آيل سعيد آباد جا رهواسين وڏيري حاجي منور هالائي ۽ اڳوڻي ايم پي اي ڊاڪٽر عبدالواحد سومري جي مهمانن سان مبينا ڦر ۽ جهيڙي واري واقعي ضلعي ۾ امن امان جي دعوائن جي قلعي کولي ڇڏي آهي. تفصيل موجب، علي بحر اسٽاپ وٽ پيش آيل واقعي دوران اڳوڻي ايم پي اي ڊاڪٽر عبدالواحد سومري . وڏيرو حاجي منور هالايو جي مهمانن سان مبينا ڦر ڪئي وئي. جڏهن ته جهيڙي جي اطلاع تي واقعي واري هنڌ پهتل وڏيري حاجي منور هالائي تي پڻ ڪهاڙين سان حملو ڪرڻ جو الزام لڳايو ويو آهي. واقعي جهڙي سنگين صورتحال باوجود متاثر ڌرجي دعويٰ موجب. اڃا تائين ايف آءِ آر داخل نه ٿيڻ ۽ قانوني ڪارروائي اڳتي نه وڌڻ سبب ڪيترائي سوال پيدا ٿي رهيا آهن ته آخر قانون جي عملداري ڪٿي آهي ۽ متاثرن کي انصاف ڪير فراهم ڪندو؟ ٺٽي جي شهرين ۽ سماجي حلقن واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته جيڪڏهن سنڌ جي مهمانن کي پکين جي خريداري جي آڙ ۾ ڦر ۽ تشدد جو نشانو بڻايو وڃي ته اهو رڳو هڪ ڌر سان زيادتي نه. پر سڄي ضلعي جي امن. عزت ۽ سياحتي ساک تي وار آهي. مبينا طور اهڙين سرگرمين ۾ ملوث ماڻهن کي قانون جي گرفت ۾ آڻڻ بدران جيڪڏهن شڪايتون ئي نظرانداز ٿينديون رهيون ته ڏوهارين جا حوصلا وڌندا ۽ عام ماڻهو پاڻ کي غيرمحفوظ محسوس ڪندا. شهرين سوال اٿاريو آهي ته ڪينجهر ڍنڍ سميت ٺٽي جي سياحتي ماڳن تي گهمڻ لاءِ ايندڙ ماڻهن سان بدسلوڪي ۽ جهيڙن جون شڪايتون سامهون اچڻ باوجود لاڳاپيل ادارا ڪيترو وقت خاموش رهندا؟ ٺٽو جيڪو پنهنجي تاريخي ورثي، مهمان نوازي ۽ سياحتي ماڳن سبب سڃاتو وڃي ٿو. اتي ايندڙ مهمانن کي تحفظ ڏيڻ انتظاميا ۽ پوليس جي بنيادي ذميواري آهي. ان ذميواريءَ ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت ناقابلِ قبول آهي. عوام ضلعي انتظاميا. ايس ايس پي ٺٽو. لاڳاپيل ٿاڻي جي پوليس ۽ سياسي قيادت کان فوري ۽ بنا ڪنهن دٻاءَ جي ڪارروائي جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي. مبينا جوابدارن کي قانون موجب گرفتار ڪيو وڃي. متاثر ڌر جي فرياد تي ايف آءِ آر داخل ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ جاچ جي نتيجن بابت عوام کي آگاهه ڪيو وڃي. شهرين خبردار ڪيو آهي ته امن امان جي معاملي تي وڌيڪ لاپرواهي عوامي بيچينيءَ ۾ اضافو ڪندي. انتظاميا کي گهرجي ته اثر رسوخ، سياسي وابستگين يا ڪنهن به دٻاءَ کان بالاتر ٿي قانون جي حڪمراني يقيني بڻائي. جيئن ٺٽي ۾ ڦرن ۽ تشدد جي واقعن کي روڪي سگهجي ۽ سنڌ جي مهمانن توڙي سياحن جو تحفظ يقيني بڻجي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 16

، واقعي جو اطلاع ملڻ تي اي سيڪشن پوليس پهچي نوجوان جو لاش تحويل ۾ وٺي نيو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو منتقل ڪيو. جتي نوجوان جي سڃاڻپ ڪامران لنڊ طور ٿي. اسپتال ۾ مقتول جي ڀاءُ پرويز لنڊ پوليس کي ٻڌايو ته سندس والد جي پسند جي شادي ڪرڻ کانپوءِ لنڊ برادري جي گلاب ولد ابراهيم لنڊ ۽ اسد لنڊ سندن گهرن تي فائرنگ ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ سندس ڀاءُ ڪامران قتل ٿي ويو آهي. مقتول جي ڀاءُ پرويز لنڊ آءِ جي سنڌ. ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي. ٻئي طرف ضروري قانوني ڪارروائي بعد مقتول جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ گهر پاتين ۾ روج راڙو پئجي ويو. آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

بقايا عوامي سوچ 17

ل سنڌڙي جي استادن. شاگردن ۽ اسڪول مئنيجمينٽ پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ ڀرپاسي جي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن. علائقي واسين ۽ باشعور ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ پينافليڪس کڻي نعريبازي ڪندي نوجوان استاد جي قتل جي سخت مذمت ڪئي ۽ واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ جو مطالبو ڪيو. شاگردن پاران "استاد بچايو. تعليم بچايو" جا نعرا پڻ هنيا ويا. ان موقعي تي اسڪول جي آپريٽر فيض محمد مهر چيو ته استاد سماج جو آئينو ۽ قوم جي مستقبل جو معمار هوندو آهي. بابر هنگورجي جو قتل رڳو هڪ فرد جو قتل نه پر معاشري جي شعور. امن ۽ مستقبل تي وار آهي. تنهن ڪري استادن کي تحفظ فراهم ڪرڻ رياست ۽ سماج جي گڏيل ذميواري آهي. ضلعي ميرپورخاص جي گسٽا اڳواڻ استاد شير محمد درس چيو ته نوجوان استاد جي بي رحمانہ قتل تي استاد تنظيمون خاموش ڇو آهن. جيڪڏهن استاد ئي محفوظ نه هوندو ته تعليم ۽ شعور جي واڌاري بابت ڪيئن اميد رکي سگهجي ٿي. هر باشعور ماڻهو کي بابر هنگورجي جي ناحق قتل خلاف آواز اٿارڻ گهرجي. استاد ڪاشف علي جروار چيو ته مک جوابدار جي گرفتاري جون دعوائون ڪيون پيون وڃن. پر استاد جي قتل کي ٽي ڏينهن گذرڻ باوجود وارثن کي انصاف ڇو نٿو ملي. رڳو گرفتاريون ڪافي ناهن. واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي سمورن جوابدارن ۽ سهولتڪارن کي قانون موجب سزا ڏني وڃي. اسڪول جي هيڊ ماسٽر تعمير حسن چيو ته جنهن معاشري جا سڄاڳ ۽ باشعور فرد بيگناهه ماريا وڃن. ان معاشري جي مستقبل مان ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي. سانگي شبير چيو ته بابر هنگورجي جي قتل ۾ ننڍڙن ڦورن سان گڏ انهن کي ڏوهاري بڻائيندڙ اصل قوتن کي به سامهون آڻي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي ۽ واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي سمورن ملوث جوابدارن کي سخت سزا ڏني وڃي. احتجاجي ريلي ۾ اويس امداد. مظهر علي. جينو ڪيول. جينا نند. وقار احمد. مسرت حسين. تيمور علي ۽ ٻين سماجي توڙي تعليمي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 18

سرٽيفڪيٽ ۽ داخلا سميت مختلف ڪمن لاءِ آيل شهرين سخت احتجاج ڪندي دانهون ڪيون آهن. شهرين جو چوڻ آهي ته مختيارڪار حسين بخش مري جي آفيس ۾ اڳ ئي ڪرپشن ۽ بي ضابطگين جون شڪايتون سامهون ايندڙيون رهيون آهن. جڏهن ته کاتن جي ردوبدل ۽ ٻين معاملن بابت قانوني ڪارروائين باوجود هاڻي ٻيهر آفيس جا دروازا عوام لاءِ بند ڪيا ويا آهن. جنهن سبب ڪم ڪار لاءِ ايندڙ سوين ماڻهو آفيس ٻاهران بيهڻ تي مجبور آهن. شهرين موجب مختيارڪار آفيس ۾ موجود ٽپيدار آفيس جو رڪارڊ روم هجڻ جو جواز ڄاڻائي گيٽ بند ڪري اندر ويهي پنهنجي مرضي سان ڪم ڪري رهيا آهن. جڏهن ته عوام کي اندر اچڻ جي اجازت نه ڏني پئي وڃي. سيل سرٽيفڪيٽ، داخلا ۽ ٻين روينيو معاملن لاءِ آيل شهرين جو چوڻ آهي ته هو پري پري کان ڪم ڪار لاءِ اچن ٿا. پر آفيس ۾ ويٺل ٽپيدار اندر کان دروازو بند ڪري ڇڏين ٿا ۽ شهرين جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ به تيار ناهن. جنهن سبب کين سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. متاثر شهرين ۽ علائقي واسين ڪمشنر ميرپورخاص ۽ ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو آهي ته مختيارڪار آفيس جو گيٽ عوام لاءِ کولرائي شهرين جا مسئلا حل ڪرايا وڃن ۽ آفيس ۾ مبينا بي ضابطگين توڙي عوام سان ناروا روئي بابت فوري طور تي نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 19

ط فهميون ختم، معاملا خوش اسلوبيءَ سان حل ميرپورخاص: مختيارڪار حبيب الرحمان ڪوسو ۽ ڊسٽرڪٽ بار جي جوائنٽ سيڪريٽري پير جهنڊل شاهه وچ ۾ غلط فهميون ختم، معاملا خوش اسلوبيءَ سان حل ميرپورخاص مختيارڪار روينيو ميرپورخاص حبيب الرحمان ڪوسو ۽ پير جهنڊل شاهه ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ، جوائنٽ سيڪريٽري ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص وچ ۾ پيدا ٿيل غلط فهمي خوش اسلوبيءَ سان ختم ٿي وئي آهي. ان سلسلي ۾ مختيارڪار روينيو حبيب الرحمان ڪوسو پاڻ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص جي صدر آفيس پهتو. جتي وائيس پريزيڊنٽ ايڊووڪيٽ سيد اختر شاهه ۽ ٻين معزز وڪيلن جي موجودگيءَ ۾ گڏجاڻي ٿي. گڏجاڻيءَ دوران باهمي ڳالهه ٻولهه، افهام تفهيم ۽ مثبت رويّي ذريعي سمورا معاملا خوش اسلوبيءَ سان حل ڪيا ويا.

مختيارڪار روينيو ميرپورخاص حبيب الرحمان ڪوسو ۽ پير جهنڊل شاهه ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ، جوائنٽ سيڪريٽري ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص وچ ۾ پيدا ٿيل غلط فهمي خوش اسلوبيءَ سان ختم ٿي وئي آهي. ان سلسلي ۾ مختيارڪار روينيو حبيب الرحمان ڪوسو پاڻ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص جي صدر آفيس پهتو. جتي وائيس پريزيڊنٽ ايڊووڪيٽ سيد اختر شاهه ۽ ٻين معزز وڪيلن جي موجودگيءَ ۾ گڏجاڻي ٿي. گڏجاڻيءَ دوران باهمي ڳالهه ٻولهه، افهام تفهيم ۽ مثبت رويّي ذريعي سمورا معاملا خوش اسلوبيءَ سان حل ڪيا ويا.

بقايا عوامي سوچ 20

جي موٽر، ڊونڪي پمپ ۽ لڳ ڀڳ 500 ڪلو پراڻو لوهه چوري ڪري فرار ٿي ويا. اهڙي واقعي بعد اسڪولن جي حفاظت ۽ چوڪيدارن جي مقرري بابت سوال اڀري آيا آهن. اسڪولي شاگردن ۽ استادن سميت علائقي واسين ايس ايس پي مٽياري کان مطالبو ڪيو ته اهي ته پير سرهندي اسڪول ٿيل چوري جو نوٽيس وٺي چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي پريشاني ختم ڪئي وڃي ٻئي طرف انهن تعليم کاتي کان پڻ مطالبو ڪيو ته اسڪول ۾ چوڪيدار پڻ مقرر ڪيو وڃو جنهن ٻيهر اهڙو واقعو پيش نه اچي

بقايا عوامي سوچ 21

ت جي روحاني پيشوا ۽ ايم اين اي مخدوم جميل الزمان چيو آهي ته خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي آئين موجب لاڳو ڪئي وئي آهي. جنهن جي صدر آصف علي زرداري تصديق ڪندي صحيح ڪئي، جنهن کانپوءِ قومي اسيمبلي به ان جي منظوري ڏني. منهنجي خيال ۾ ان جي ضرورت هئي. جنهن سبب اهڙو قدم کنيو ويو. هن چيو ته سنڌ. پنجاب ۽ بلوچستان ۾ اهڙي ڪنهن به صورتحال بابت ٻڌڻ ۾ نه آيو آهي. باقي اهڙي ڳالهه شايد ڪنهن جي ذهن ۾ هجي. پر ان جو ڪو وجود ناهي. مخدوم جميل الزمان وڌيڪ چيو ته نوان يونٽ ٺاهڻ لاءِ جيستائين سڄي قوم ڪنهن هڪ نقطي تي متفق نه ٿيندي. تيستائين اهو ممڪن ناهي. هڪ پروگرام کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته وڪيلن لانگ مارچ ڪئي آهي. ان جا ڪهڙا مطالبا آهن. ان بابت کيس ڄاڻ ناهي. پر پنهنجي حقن لاءِ احتجاج ڪرڻ هر ڪنهن جو حق آهي.

بقايا عوامي سوچ 22

شده عورت کي پوليس پاران جامشورو مان بازياب ڪرائڻ جي دعوه ڪورٽ سگهوري ۾ پيش ناري پاران مڙس سان وڃڻ جو بيان رڪارڊ ڪرائي ورتو. شاهپوردرپور پوليس موجب ايس ايڇ او شاهپور درپور نظام شيخ. اي ايس آئي رسول بخش ڪانهڙيو، وڏو منشي خادم حسين زرداري. اختيار علي هڪڙو، آصف گهانگهلو کي پوليس ٽيم ۾ شامل ڪندي ڳوٺ انڙ پور ضلع جامشورو ۾ ڪارروائي ڪندي 45 ساله مسمات حسينا زال ديدار حسين ماڇي کي بازياب ڪرائي ورتو آهي جنهن جو ڪيس پڻ سندس مڙس ديدار حسين ماڇي جي فرياد تي ٿاڻي تي 5 ڄڻن. عاشق ماڇي . رفيق. پنهون. شبير ماڇي ڪارو ماڇي خلاف داخل ٿيل هو جنهن جي آڌار تي ڪارروائي ڪندي عورت کي بازياب ڪرائي ورتو آهي ٻئي طرف اهو معلوم ٿيو آهي ته ڌرين ۾ سڱاوتي تڪرار هلندڙ هو جنهن تي جوابدارن عورت کي اغوا ڪيو هو

بقايا عوامي سوچ 23

پورخاص ۾ ڪرائم ميٽنگ ٿي. جنهن ۾ ايس ايس پي ميرپورخاص ساجد امير سودزئي، ايس ايس پي عمرڪوٽ سُهائي عزيز ٽالپر، ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز ۽ ميرپورخاص رينج جي سمورن ڊي ايس پيز ۽ ايس ڊي پي اوز شرڪت ڪئي. اجلاس دوران سمورن ايس ڊي پي اوز کان پنهنجن لاڳاپيل سب ڊويزنن جي ڪارڪردگي ۽ پوليس جي ڪم بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي قتل. ڪاروڪاري. ڌاڙن. ڦرن. موٽرسائيڪل ۽ گاڏين جي چوري توڙي اسٽريٽ ڪرائيم جي صورتحال. داخل ڪيسن ۾ اڳڀرائي ۽ جوابدارن خلاف ڪارروائين تي غور ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 24

ڙو ۾ استادن جي جبري بدلين خلاف ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. ان موقعي تي اسڪول جي سمورن استادن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي پرامن احتجاج رڪارڊ ڪرايو. استادن مطالبو ڪيو ته استادن جون جبري بدليون فوري طور واپس وٺي ساڻن انصاف ڪيو وڃي ۽ سندن جائز حقن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي. هنن چيو ته استادن جي مرضي ۽ جائز حقن کي نظرانداز ڪري ڪيل فيصلن سبب تعليمي ماحول ۾ بيچيني پيدا ٿئي ٿي. تنهن ڪري اهڙن فيصلن تي نظرثاني ڪئي وڃي. استادن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته جبري بدلين وارو عمل روڪي استادن جا مسئلا حل ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 25

2026 جي موقعي تي انجري جي روڪٿام ۽ ٽراما آگاهي سيشن جو اهتمام ڪيو ويو ورلڊ ٽراما ڊي هر سال 17 آڪٽوبر تي ملهايو ويندو آهي. جنهن جو مقصد روڊ حادثن. زخمن جي روڪٿام. بروقت ايمرجنسي رسپانس ۽ معياري ٽراما ڪيئر بابت عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ آهي. سيشن دوران ماهر ڊاڪٽرن پاران انجري جي روڪٿام. روڊ سيفٽي. ٽراما کان بچاءُ ۽ هنگامي حالتن ۾ ابتدائي طبي امداد بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني وئي. ان موقعي تي عملي تربيت ۽ مظاهرا پڻ ڪيا ويا ته جيئن عام ماڻهو ڪنهن به حادثي جي صورت ۾ متاثر شخص جي زندگي بچائي سگهي. ڊائو ٽراما سينٽر جي ترجمان جو چوڻ هو ته اهڙين سرگرمين جو مقصد محفوظ سماج جي قيام. عوامي آگاهي کي مضبوط ڪرڻ ۽ ٽراما متاثر مريضن جي بهتر علاج کي يقيني بڻائڻ آهي. هي قدم گڏيل قومن جي پائيدار ترقي جي مقصدن (SDGs)جي حمايت ۾ آهي. جنهن ۾ SDG_3صحت ۽ خوشحالي، SDG_4معياري تعليم ۽ SDG_11پائيدار شهر ۽ برادريون شامل آهن. نعرو: زخمن کان بچاءُ ڪريو. ايمرجنسي نظام کي مضبوط ڪريو. زندگيون بچايو.

بقايا عوامي سوچ 26

ي افواهن کي آپڪا مڪمل طور تي رد ڪري رهي آهي. اهڙي خيالن جو اظهار آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئشن سنڌ جي صوبائي صدر رفيق احمد جتوئي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن حڪومت پاران ملازمن جي پينشن ۽ ايل پي آر ۾ ڪٽ لڳايو ويو ته ملازمن سان گڏجي تحريڪ هلائي ويندي. اسين آپڪا سنڌ جي پليٽ فارم تان سنڌ حڪومت کان گهر ٿا ڪريون ته اهڙن خبرن جو نوٽيس ورتو وڃي. چاڪاڻ جو اهڙي عمل سان ملازمن وچ ۾ بيچيني پکڙيل آهي. هن چيو ته اسان سرڪاري ملازمن کي يقين ٿا ڏياريون ته جيڪڏهن حڪومت ملازمن جو معاشي قتل يعني پينشن ۽ ايل پي آر ۾ ڪٽوتي ڪئي ته آپڪا سڀني ملازمن سان گڏجي احتجاجي تحريڪ شروع ڪندي. ٻي پاسي آپڪا ايجوڪيشن يونٽ جي وفد طرفان صوبائي صدر رفيق احمد جتوئي سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪري سندس آگاهه ڪيو ته تعليم کاتي لاڙڪاڻي جي ملازمن جو سينارٽي لسٽون غلط آهن. انهن کي فوري طور درست ڪرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ملازمن ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي. جڏهن ته غلط سينارٽي لسٽن تي غلط پروموشن ڪڏهن به قبول نه ڪيا ويندا. ان موقعي تي آپڪا سنڌ جي صدر سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي معاملي جو نوٽيس وٺي ڪلارڪ اسٽاف کي جلد ٽائيم اسڪيل ڏيڻ سان گڏ جعلي سينارٽي لسٽن کي رد ڪرائيندي ميرٽ جي بنياد تي لسٽون ٺاهي ملازمن وچ ۾ ڇانيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 27

کل سوار اختيار علي چوهاڻ ٽڏي تي فوت ٿي ويو اطلاع تي ڊبر پوليس پهچي فوتي جو لاش کڻائي تعلقا اسپتال روهڙي منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آهي پوليس ٽرالر ڊرائيور کي گرفتار ڪري ٽرالر کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

بقايا عوامي سوچ 28

ويون. ڪارروائي دوران لطيف چوڪ. نوري مسجد. شيرازي محلي سميت ٻين علائقن ۾ قائم ٽن پيٽرول يونٽن کي سيل ڪيو ويو. اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي شڪور سولنگي جو چوڻ آهي ته تعلقي جي مختلف علائقن ۾ غيرقانوني پيٽرول يونٽن خلاف ڪارروايون جاري آهن. ڪنهن کي به غيرقانوني ڪاروبار ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. ٻئي طرف شهرجي مختلف هنڌن تي اڃا تائين مبينا طور پوليس جي سرپرستيءَ ۾ پيٽرول يونٽ هلڻ جون شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن. جڏهن ته مختلف علائقن ۾ 20 کان وڌيڪ ايل پي جي دڪانن تي به ڪاروبار جاري آهي. شهرين مطالبو ڪيو آهي ته غيرقانوني پيٽرول يونٽن ۽ ايل پي جي دڪانن خلاف فرق جي ڪارروائي ڪري انساني جانين ۽ ملڪيتن کي امڪاني نقصان کان بچايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 29

بوائز سينارجا جي 2022 جي برساتن سبب مڪمل طور تي زبون حال ٿيل پراڻي بلڊنگ ۽ ڪريل چارديواري جي تعمير نه ٿيڻ سميت ڪريل لکين رپين جي وڻن جي حوالي سان اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽي جي خصوصي گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ هن اسڪول جي اڳوڻي شاگرد ۽ ڊائريڪٽر ڪاليجز سکر ريجن پروفيسر ڊاڪٽر شفيق احمد رند پڻ خصوصي طور تي شرڪت ڪئي جڏهن ته گڏجاڻي ۾ ايس ايم سي چيئرمين حاجي نور محمد ڪبر . پرنسپل پروفيسر ظفرحسين ڪبر. ايف اي زوار الطاف حسين سهتو . سي ايف سي ڪوآرڊينيٽر اخلاق احمد منگي . دوڪاندار ايسوسيئيشن جي صدر رسول بخش سهتو . سماجي اڳواڻ سرفراز حسين جٽ . اميد علي سهتو شرڪت ڪئي . گڏجاڻي ۾ ان ڳالهه تي افسوس جو اظهار ڪيو ويو ته 2022 جي برساتن سبب مڪمل طور تي ڪمزور ٿي ويل اسڪول جي پراڻي عمارت هن وقت تائين تعمير نه ٿيڻ سبب سوين شاگرد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پريشاني جا شڪار آهن . ان کان علاوه اسڪول جي چارديواري پڻ مڪمل طور تي ڪريل آهي جنهن ڪري اسڪول جو تقدس متاثر ٿيڻ سميت آواره جانور ايندا ويندا رهن ٿا . اجلاس ۾ اهو پڻ ٻڌايو ويو ته اسڪول جي اسپيسيفڪ بجيٽ سال 2025. 2026 ۾ هڪ ڪروڙ 10 لک روپيا منظور ڪئي وئي پر جاري نه ڪئي وئي جڏهن ته هلندڙ سال 2026.27 جي بجيٽ هڪ ڪروڙ 15 لک منظور ٿيل آهي پر جاري ناهي ڪئي وئي ۽ رهندو ايس ايم سي جي بجيٽ به بند ڪئي وئي آهي جڏهن ته انهن مسئلن جي حل لاءِ اسڪول کي نيڪي تي حاصل ڪندڙ اين جي او CFCبه گهربل ڪردار ادا نه ڪيو آهي . گڏجاڻي ۾ اهو پڻ ڄاڻايو ويو ته برساتن ۽ طوفانن سبب لکين رپين جا وڻ 4 سالن کان ڪريل پيا آهن جن کي وڪرو ڪري اسڪول تي خرچ ڪرڻ سان ڪجھ مسئلا حل ٿي سگهن ٿا پر ان حوالي سان سان به اختيارين پاران تحرڪ نه ورتو ويو آهي . گڏجاڻي ۾ فيصلو ڪيو ويو ته اسڪول جي مسئلن جي حوالي سان ايس ايم سي ميمبرن سميت شهري اڳواڻن جو وفد جلد تڪ جي چونڊيل ميمبرن سان ملاقات ڪري کين آگاهي ڏيڻ سميت مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جي اپيل ڪندو جڏهن ته ان موقعي تي ڊائريڪٽر ڪاليجز سکر ريجن پروفيسر ڊاڪٽر شفيق احمد رند چيو ته هو هن اسڪول جو شاگرد رهيو آهي ۽ هن شهر جو رهواسي آهي ان ڪري اسڪول جي مسئلن کي حل ڪرائڻ ۽ بهتري لاءِ وس آهر پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو ۽ صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه تائين مسئلن کي پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو. گڏجاڻي ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر وڏي وزير سيد مراد علي شاهه . وزير تعليم سيد سردار علي شاهه سميت سيڪريٽري تعليم سنڌ کي اپيل ڪئي وئي ته گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول بوائز سينارجا جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ فوري طور اثرائتا اپاءَ ورتا وڃن .

بقايا عوامي سوچ 30

سير جي سنڌ جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو شاهنواز وسير جو لائسنس فوري طور تي بحال ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب ڊسٽرڪٽ بار گهوٽڪي جي صدر شاهنواز وسير جي لائسنس جي بحالي لاءِ ميرپور ماٿيلو بار ايسوسيئيشن جي وڪيل برادري پاران عدالت ٻاهران بار جي جنرل سيڪريٽري اويس پتافي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن سنڌ بار ڪائونسل جي اعليٰ قيادت کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته شاهنواز وسير جو لائسنس بحال ڪري گهوٽڪي ضلعي جي وڪيلن ۾ پکڙيل بي چيني ختم ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 31

،قبضا مافيا جن اسڪول جي زمين تي ناجائز قبضا ڪيا آهن انهن بابت پريس ۽ بريفنگ ڏيندي هن چيو ته سنڌ جي وڏي وزيرجي خاص هدايت تي اڄ پان سيد آباد پهتو آهيان. اسان ان سلسلي ۾ اهم گڏجاڻي ڪري اهم فيصلا ڪيا آهن ته آءِ بي ڪاليج جيڪا پان سيد آباد شهر توڙي ڀرپاسي جو مرڪز آهي. ان ۾ هن وقت ته اسڪول ڪاليج ۽ گرلس ڊگري ڪاليج گرلس. اسڪول ۾ شاگردن جو وڏو تعداد موجود آهن. آءِ بي ڪاليج به قائم ڪيو وڃي ته جيئن بهترين تعليم مهيا ٿي سگهي. اسان اهم فيصلا ڪري هتان جي عوام لاءِ بهترين تعليمي سهولتون ڏئي سگهون. جيڪو سنڌ جي وڏي وزيرجو خواب آهي ته سنڌ جي ٻين علائقن جيان هن پٽي ۾ تعليم کي هٿي ڏيون ۽ هتان جا نوجوان پڙهي وڏا آفيسر ،ڊاڪٽر انجنيئر ۽جج ٿي سگهن ۽ ملڪ جي خدمت ڪري سگهن ان سلسلي ڊپٽي ڪمشنر جامشورو پاران وڏي وزير جي ان قدم کي لبيڪ چوندي بروقت احڪام جاري ڪيا آهن. جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر جامشورو سان اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ مختيارڪار سيوهڻ سيد عابد شاهه آءِ بي اي سڪر جا عملدار پرنسيپال ڪاليج ستار ڪلهوڙو، فيروز راهپوٽو ۽ محمد علي خشڪ سميت ٻيا پڻ موجود هيا.

بقايا عوامي سوچ 32

ن سڄڻ چانڊيو ۽ ذوالفقار چانڊيو مٿان موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن سڌي فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ گولين لڳڻ سبب سڄڻ چانڊيو موقعي تي ئي مارجي ويو، جڏهن ته سندس ڀاءُ ذوالفقار چانڊيو زخمي ٿي پيو. واقعي کانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو. واقعي جا ڪارڻ ۽ جوابدارن بابت وڌيڪ تفصيل سامهون نه اچي سگهيا آهن.

بقايا عوامي سوچ 33

ارسلان ڪشميري پراسرار نموني فوت وارثن پاران قتل جو شڪ ظاهر ڪشميري ڪالوني ۾ سنوڪر راند جي ڪمري مان 26 ساله نوجوان ارسلان ولد عبدالحميد ڪشميري جو لاش هٿ آيو آهي وارثن الزام هڻندي چيو ته سنوڪر راند تي جوا پڻ کيڏي ويندي آهي ڪيترا ڀيرا انتظاميا کي درخواستون ڏيڻ باوجود ڪا ڪاروائي نه ڪئي وئي سنوڪر راند جو مالڪ فيصل تيلي کي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کڻائي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال ٽنڊو الهيار منتقل ڪري ڇڏيو ابتدائي طور فوت ٿيڻ جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي پوسٽ مارٽم کانپوءِ فوت ٿيڻ جو اصل ڪارڻ معلوم ٿي سگهندو. پوليس وارثن ڊي آئي جي حيدرآباد رينج ايس پي ٽنڊو الهيار کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي صاف شفاف جانچ ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 34

درخواست تي ٻڌڻي ٿي. عدالت ڊي جي نيب ڪراچي کي 29 آڪٽوبر تي طلب ڪري ورتو. درخواستگذارن موقف اختيار ڪيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ 2021 ع ۾ مبينا ڪروڙين رپين جي فراڊ بابت جاچ جو حڪم ڏنو هو. پر نيب اختيارين عدالتي حڪمن تي عمل نه ڪيو ۽ عدالت جي حڪم کي نظرانداز ڪيو ويو. درخواستگذارن موجب عدالتي حڪم تي عملدرآمد نه ڪرڻ توهين عدالت آهي. جڏهن ته وڪيل عدالت کان استدعا ڪئي ته توهين عدالت ڪندڙ نيب انتظاميا خلاف قانون موجب ڪارروائي جو حڪم ڏنو وڃي. درخواستگذارن عدالت کي ٻڌايو ته 2019 ع کان 2021 ع دوران هائوس، ڪار فنانسنگ ۽ ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاري ڪئي وئي هئي، جڏهن ته نهال خان. شمشاد نيازخان ۽ ٻين مبينا طور درخواستگذارن سان فراڊ ڪيو. درخواستگذارن ۾ محمد ڪامران، علي نقوي سميت ٻيا شامل آهن. جڏهن ته 302 جعلساز ڪمپنين خلاف درخواستون داخل ڪيون ويون آهن. عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد ڊي جي نيب ڪراچي کي 29 آڪٽوبر تي طلب ڪري ورتو.

بقايا عوامي سوچ 35

ڪئي وئي آهي. رهواسين الزام هنيو آهي ته لاڳاپيل اختيارين جي مبينا غفلت سبب اهڙا يونٽ ٻيهر سرگرم ٿي وڃن ٿا. جڏهن ته ڪجهه انتظامي عملدارن جي مبينا سهڪار بابت پڻ سوال اٿاريا پيا وڃن. اطلاع موجب، واقعي وقت تائين فائر برگيڊ عملو نه پهتو هو. جنهن سبب باهه تي ضابطو آڻڻ ۽ ڀرپاسي جي رهواسين جي تحفظ بابت ڳڻتي وڌي وئي. واقعي ۾ جاني يا مالي نقصان بابت تفصيل سامهون نه اچي سگهيا آهن. شهرين مطالبو ڪيو آهي ته ڊپٽي ڪمشنر جامشورو، اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي ۽ لاڳاپيل ادارا واقعي جو فوري نوٽيس وٺن. غيرقانوني پيٽرول يونٽن جي جاچ ڪرائين ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪن. رهواسين جو چوڻ آهي ته اهڙن خطرناڪ هنڌن خلاف بروقت قدم کڻي انساني جانين ۽ ملڪيت جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي. جيئن ڪنهن وڏي سانحي کان بچي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 36

ڪيترائي اهم پهلو سامهون آڻي ڇڏيا آهن. حادثي کان اڳ ناري پاران جامشورو اي سيڪشن پوليس خلاف عدالت سان رجوع ڪرڻ واري ڄاڻ سبب واقعي جي شفاف جاچ جي گهرج وڌيڪ اهم بڻجي وئي آهي. تفصيل موجب. گذريل رات سنڌ يونيورسٽي جي گيٽ پرسان ٽرالر ۽ رڪشا وچ ۾ ٽڪر ٿيو. جنهن جي نتيجي ۾ رڪشا ۾ سوار مهڪ ملاح فوت ٿي وئي. اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي لمس اسپتال جامشورو منتقل ڪيو. جتي ضروري قانوني ڪارروائي ڪئي وئي. واقعي سان لاڳاپيل هڪ اهم پهلو اهو به سامهون آيو آهي ته مهڪ ملاح ڪجهه ڏينهن اڳ جامشورو اي سيڪشن پوليس خلاف عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي هئي. درخواست ۾ سندس موقف هو ته سندس ڀاءُ کي ايس ايڇ او منظور دل ۽ ٻين پوليس اهلڪارن مبينا طور گهران کڻي ويا هئا. ڄاڻ موجب. ان ڪيس جي سلسلي ۾ مهڪ جي عدالت ۾ حاضري پڻ مقرر هئي. هاڻي اهم ڳالهه اها آهي ته ناري جي فوت ٿيڻ واري واقعي ۽ سندس عدالتي درخواست بابت سمورا تفصيل ڌار ڌار ۽ غيرجانبداري سان جاچيا وڃن. في الحال اهڙو ڪو تصديق ٿيل ثبوت سامهون نه آيو آهي. جنهن جي بنياد تي حادثي کي عدالتي معاملي سان ڳنڍي سگهجي. ٻئي طرف. سوشل ميڊيا تي مهڪ ملاح کي سنڌ يونيورسٽي جي شاگرديائي قرار ڏيڻ واريون خبرون پڻ گردش ڪنديون رهيون. جڏهن ته پوليس موجب هوءَ يونيورسٽي جي شاگرديائي نه هئي. ان معاملي تي به لاڳاپيل رڪارڊ ذريعي حقيقت واضح ڪرڻ ضروري آهي. واقعي بابت سامهون آيل ڄاڻ ۾ اهو به چيو پيو وڃي ته حادثي وقت مهڪ سان گڏ هڪ نوجوان موجود هو. جيڪو واقعي کانپوءِ اتان هليو ويو. جڏهن ته پوليس طرفان سندس گرفتاري جي به ڄاڻ ڏني وئي آهي. تنهن هوندي به نوجوان جي ڪردار، حادثي جي حالتن ۽ ٻين لاڳاپيل تفصيلن بابت حتمي راءِ جاچ مڪمل ٿيڻ کانپوءِ ئي قائم ڪري سگهجي ٿي. سوال هي آهي ته حادثو ڪيئن پيش آيو. ٽرالر جي رفتار ڪيتري هئي ۽ واقعي جا اصل ڪارڻ ڪهڙا هئا؟ انهن سوالن جا جواب حاصل ڪرڻ لاءِ سي سي ٽي وي فوٽيج. اکين ڏٺن شاهدن جا بيان. ٽرالر ۽ رڪشا بابت تفصيل ۽ لاڳاپيل پوليس رڪارڊ جي جاچ ضروري آهي. ساڳئي وقت. مهڪ ملاح جي داخل ڪرايل عدالتي درخواست ۽ سندس ڀاءُ بابت شڪايت جي حقيقتن جي به تصديق ٿيڻ گهرجي. جيئن ڪنهن به معاملي کي ثبوتن کانسواءِ حادثي سان نه ڳنڍيو وڃي. نوجوان ناري جي موت جي هڪ ڏکوئيندڙ واقعو آهي. اختيارين کان مطالبو آهي ته سمورن پهلوئن کي نظر ۾ رکندي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي. جيئن وارثن کي حقيقتن جي ڄاڻ ملي سگهي ۽ ڪنهن به سوال جو جواب اڻپورو نه رهي.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

صبح سوير سجاول پوليس پاران ڳوٺ حاجي حسين اوٺو تي ٽن پوليس موبائلن سان چڙهائي

چڙهائي ڪري نوجوان اعجاز ولد محمد اوٺو کي گرفتار ڪرڻ بعد نامعلوم هنڌ منتقل ڪري گم ڪرڻ جو الزام

وارثن سونو اوٺو، عبدالستار اوٺو ۽ ٻين پاران نوجوان کي جاني نقصان پهچڻ جو خدشو ظاهر ڪندي چوهڙجمالي پريس ڪلب تي پريس ڪانفرنس ڪئي وئي

سجاول ضلعي جي پوليس صبح سوير سنڌن ڳوٺ تي چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪيو

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهد حسيني) صبح سوير سجاول پوليس پاران ڳوٺ حاجي حسين اوٺو تي ٽن پوليس موبائلن سان چڙهائي ڪري نوجوان اعجاز ولد محمد اوٺو کي گرفتار ڪرڻ بعد نامعلوم هنڌ منتقل ڪري گم ڪرڻ جو الزام. وارثن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ڊاڪٽر عامر لياقت جون نازيبا وڊيوز وائرل ڪرڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) جڊيشل مجسٽريٽ اوڀر ۾ مرحوم ڊاڪٽر عامر لياقت جون نازيبا وڊيوز وائرل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ماهه رنگ بلوچ جي تقرير واري ڪيس ۾ بريت خلاف پراسيڪيوشن جي اپيل رد

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ بلوچ يڪجهتي ڪميٽي جي اڳواڻ ماهه رنگ بلوچ جي ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ڪراچي سماجي تنظيم سنڌ فائونڊيشن پاران سچل ڳوٺ ۾ ڊرائيونگ لائسنس ڪئمپ، 195 شهرين لائسنس حاصل ڪري ورتا

ڪراچي _ خادمين سنڌ فائونڊيشن پاران اچ سچل ڳوٺ مين گيٽ وٽ سنڌ پوليس جي سهڪار سان ڊرائيونگ لائسنس ڪئمپ جو ڪامياب انعقاد ڪيو ويو

ڪئمپ ۾ شهرين جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي ۽ موقعي تي ئي لائسنس ٺهرائڻ جي سهولت مان فائدو ورتو

ڪئمپ ۾ مجموعي طور 195 شهرين جا ڊرائيونگ لائسنس ٺاهيا ويا، جن ۾ 125 مرد ۽ 70 عورتون شامل آهن

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي سماجي تنظيم سنڌ فائونڊيشن پاران سچل ڳوٺ ۾ ڊرائيونگ لائسنس ڪئمپ، 195 شهرين لائسنس حاصل ڪري ورتا ڪراچي _ خادمين سنڌ فائونڊيشن پاران اچ سچل ڳوٺ مين گيٽ وٽ س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب4

ڳڙهي خيرو ويجهو رواهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل 3 زخمي

ميرانپور ٿاڻي جي حد ۾ رواهي برادري جي پراڻي تڪرار تان هڪ ٻئي جي ڳوٺن مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ

اعجاز رواهي قتل ۽ 3ڄڻا زخمي زخمين ۾ اسحاق ۽ حنيف زخمي شامل زخمين کي علاج لاءِ اسپتال نيو ويو

ڳڙهي خيرو (رپورٽ مختيار ڏاهاڻي) ڳڙهي خيرو ويجهو رواهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل 3 زخمي ٿي پيا ميرانپ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ارڙهين شاخ 60 ميل ويجهو زمين جي تڪرار جهيڙي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ سڄڻ پنگوار فوت ٿي ويو

هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن. واقعي کان پوءِ علائقي ۾ ڏک ۽ خوف واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي، وڌيڪ خونريزي جو خطرو پڻ ظاهر ڪيو پيو وڃي

ارڙهين شاخ ويجهو زمين جي معاملي تان ڌرين وچ ۾ تڪرار شدت اختيار ڪري ويو، جنهن دوران فائرنگ ڪئي وئي

واقعي کان پوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي آهي ۽ ڪنهن به وقت وڌيڪ جهيڙي يا خونريزي ٿيڻ جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي

60 ميل (رپورٽ ڪاشف علي رند) ارڙهين شاخ 60 ميل ويجهو زمين جي تڪرار جهيڙي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ سڄڻ پنگوار فوت ٿي ويو، جڏهن ته هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن. واقعي کان پوءِ علائقي ۾ ڏک ۽ خوف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

جنگشاهي ۾ قومي عوامي تحريڪ جو نئون يونٽ قائم، نون عهديدارن جو اعلان

ڳوٺ محمد حسن پليجو لڳ جنگشاهي ۾ پارٽيءَ جو نئون يونٽ قائم ڪري عهديدارن جو اعلان ڪيو ويو

ورڪنگ ڪميٽيءَ ۾ حماد پليجو، اعزاز پليجو، سجاد پليجو ۽ رضوان علي پليجو کي شامل ڪيو ويو

قومي عوامي تحريڪ کي هيٺين سطح تائين منظم ۽ مضبوط بڻائڻ سان سنڌ جي عوام جي حقن لاءِ جدوجهد کي وڌيڪ سگهارو بڻائي سگهجي ٿو: اڳواڻ

جنگشاهي(رپورٽر) جنگشاهي ۾ قومي عوامي تحريڪ جو نئون يونٽ قائم، نون عهديدارن جو اعلان قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي نائب صدر دانش خاصخيلي ۽ جوائنٽ سيڪريٽري شفيع پليجو جي موجودگيءَ ۾ ڳوٺ محمد ح/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

جروار ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف بلدياتي اليڪشن جي بائيڪاٽ جو اعلان

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) جروار ۽ اس پاس جي علائقن ۾ روڊ رستا صاف پاڻي ڊرينيج سسٽم ۽ ترقيات/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

مٺي: ارباب امير حسن ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ پڄاڻيءَ تي پهتو

مٺي /ٿرپارڪر:(رپورٽر) اسپورٽس اينڊ يوٿ ڊپارٽمينٽ سنڌ جي سهڪار ۽ ايم پي اي ارباب لطف ال/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

درگاهه جي خليفن غلام قادر جوکيو ۽ سندس فرزند حافظ صدام حسين جوکيو کان ڦر

رستا روڪ ڪري ڪانئن ڦر ڪرڻ ٽوڙي مٿن مبينا طور حملو ڪري کين نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

پر هنن پنهنجي ڪار ۾ ڀڄي جان بچائي ورتي، ايس ايس پي ٺٽو کان نوٽيس وٺي درگاهه جي خدمتگارن کي تحفظ مهيا ڪرڻ جي گهر ڪري ڇڏي

امير شاهه جيلاني رح جن جو ساليانو ڏيهاڙو سندس آخري آرام گاهه تي درگاهه جي خدمتگارن غلام قادر جوکيو ۽ حافظ صدام حسين جوکيو جي نگراني ۾ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جنگشاهي ويجهو درگاهه امير شاهه جيلاني جي ساليانو ڏيهاڙي جي ختم ٿيڻ بعد درگاهه جي خليفن غلام قادر جوکيو ۽ سندس فرزند حافظ صدام حسين جوکيو پاران گزريل رات دير سان درگاهه تان گهر ويندي جنگشاهي//ڏسو صفحو 3 بقايا نمب10

ٺٽي ۾ تيل جي قيمتن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافي بعد رهيل کسر LPG گئس جي هٽرادو دڪاندارن پاران وڌايل اگهن پوري ڪري ڇڏي

رڪشه ڊرائيورن جو ٺٽي ۾ رڪشه بيهاري سخت احتجاج، فورن گئس جا وڌايل هٽرادو اگهه گهٽائي رڪشه ڊرائيورن پاران کين وڌيڪ پريشاني کان بچائڻ جي گهر ڪري ڇڏي

ٺٽي شهر جي مين اسٽاپ تي بيهاري اوچتو ٺٽي جي دڪاندارن پاران LPG گئس جا هڪ ڏينهن اندر 130 روپيه في ڪلو گئس تي هٽرادو اضافو ڪرڻ خلاف هڪ احتجاج

رڪشه ايسوسيئيشن ضلعي ٺٽي جي صدر غلام حسين عرف غلان چانگ، محمد حنيف مينگل، خليفو محمد علي شيخ، لياقت ناريجو، منير احمد هالو جي اڳواڻي ۾ سخت احتجاج

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ تيل جي قيمتن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافي بعد رهيل کسر LPGگئس جي هٽرادو دڪاندارن پاران وڌايل اگهن پوري ڪري ڇڏي، رڪشه ڊرائيورن جو ٺٽي ۾ رڪشه بيهاري سخت احتجاج، فورن گئس جا وڌايل هٽرادو ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب11

سيد سعيد احمد شاهه جي ڀاءُ سيد مجيب شاهه جي انتقال تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

دادو (رپورٽ محمد رفيق چنه) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻن پاران پ پ پ قلعجي ٽائون جي اڳواڻ سيد سعيد احمد شاهه جي ڀاءُ سيد مجيب شاهه جي انتقال تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ويو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي دادو جي اڳواڻن؛ اڳوڻي وزير تعليم پير مظهر الحق، پ پ پ دادو ضلعي جي صدر ۽ ايم پي اي بيريسٽر پير مجيب الحق، ميونسپل ڪاميٽي دادو جي چيئرمين پير دانش علي، پ پ پ دادو ضلعي جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري امداد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب12

ٺٽي ۾ معذور ڪوٽا تحت نوڪريءَ جو آرڊر ٿيڻ باوجود نوڪري ٻيو همراهه ڪري رهيو آهي، نبي بخش شورو جو الزام

فشريز کاتي ۾ معذور ڪوٽا تحت سندس نالي تي نوڪريءَ جو آرڊر ٿيڻ باوجود سندس جاءِ تي ٻيو همراهه نوڪري ڪري رهيو آهي، جڏهن ته هو پاڻ نوڪريءَ جي حق کان محروم ٿيل

معذور ڪوٽا تحت نوڪريءَ لاءِ سندس آرڊر ٿيڻ باوجود کيس پنهنجا حق نه ملي سگهيا آهن، جنهن سبب هو سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهي: نبي بخش شورو

ٺٽو(ڊ رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ معذور ڪوٽا تحت نوڪريءَ جو آرڊر ٿيڻ باوجود نوڪري ٻيو همراهه ڪري رهيو آهي، نبي بخش شورو جو الزام ٺٽي جي رهواسي نبي بخش شورو صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو آهي ته فشريز کاتي ۾ معذور ڪوٽا تحت سندس نالي تي نوڪريءَ جو آرڊر ٿيڻ باوجود سندس جاءِ تي ٻيو همراهه نوڪري ڪري رهيو آهي، جڏهن ته هو پاڻ نوڪري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ميرپور ساڪرو ۾ محتسبِ اعليٰ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر ٺٽو جي کليل ڪچهري، عوامي شڪايتن جي ازالي ۽ آگاهي تي زور

محتسبِ اعليٰ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري پاران ميرپور ساڪرو ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي

جنهن ۾ شهرين روينيو، پوليس، آبپاشي، لائيو اسٽاڪ، بلديات، تعليم، صحت ۽ ٻين کاتن بابت پنهنجا مسئلا ۽ شڪايتون پيش

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ميرپور ساڪرو ۾ محتسبِ اعليٰ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر ٺٽو جي کليل ڪچهري، عوامي شڪايتن جي ازالي ۽ آگاهي تي زور _ محتسبِ اعليٰ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري پاران ميرپور س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ميرپورخاص رينج ۾ ڊي آءِ جي فيصل عبدالله چاچڙ جي صدارت هيٺ ڪرائم ميٽنگ

ڏوهن جي خاتمي ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيز ڪرڻ جون هدايتون

گاڏين جي چوري ٽوڙي اسٽريٽ ڪرائيم جي صورتحال، داخل ڪيسن ۾ اڳڀرائي ۽ جوابدارن خلاف ڪارروائن تي غور ڪيو ويو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو): ڊي آءِ جي ميرپورخاص رينج ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ جي صدارت هيٺ ڊي آءِ جي آفيس مير/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

مٽياري 15 ڏينهن اڳ اغوا ٿيل شادي شده عورت کي پوليس پاران ڄامشورو مان بازياب ڪرائڻ جي دعوا

ڪورٽ سگهوري ۾ پيش ناري پاران مڙس سان وڃڻ جو بيان رڪارڊ ڪرائي ورتو

اهو معلوم ٿيو آهي ته ڌرين ۾ سڱاوتي تڪرار هلندڙ هو جنهن تي جوابدارن عورت کي اغوا ڪيو هو

مٽياري (تعلقه رپورٽر غلام نبي چنو) مٽياري جي شاهپوردرپور ٿاڻي جي حد واري ڳوٺ سائينڏنو پليجو مان 15 ڏينهن اڳ اغوا ٿيل شادي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي آئين موجب لاڳو ڪئي وئي آهي: مخدوم جميل الزمان

جنهن جي صدر آصف علي زرداري تصديق ڪندي صحيح ڪئي، جنهن کانپوءِ قومي اسيمبلي به ان جي منظوري ڏني

منهنجي خيال ۾ ان جي ضرورت هئي، جنهن سبب اهڙو قدم کنيو ويو

مٽياري (تعلقه رپورٽر غلام نبي چنو) ايم اين اي مٽياري مخدوم جميل الزمان جو گورنر راڄ، ايمرجنسي ۽ يونٽ ٺاهڻ بابت اهم بيان سروري جماع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

مٽياري گورنمينٽ پرائمري اسڪول پير سرهندي ۾ رات نامعلوم چور اسڪول جا تالا ٽوڙي چوري ڪري فرار

اهڙي واقعي بعد اسڪولن جي حفاظت ۽ چوڪيدارن جي مقرري بابت سوال اڀري آيا آهن

مٽياري (تعلقه رپورٽ غلام نبي چنو) مٽياري گورنمينٽ پرائمري اسڪول پير سرهندي ۾ رات نامعلوم چور اسڪول جا تالا ٽوڙي پنج پکا، پاٽيءَ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

مختيارڪار حبيب الرحمان ڪوسو ۽ ڊسٽرڪٽ بار جي جوائنٽ سيڪريٽري پير جهنڊل شاهه وچ ۾ غلط فهميون ختم

مختيارڪار روينيو حبيب الرحمان ڪوسو پاڻ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص جي صدر آفيس پهتو

جتي وائيس پريزيڊنٽ ايڊوڪيٽ سيد اختر شاهه ۽ ٻين معزز وڪيلن جي موجودگيءَ ۾ گڏجاڻي تي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) مختيارڪار حبيب الرحمان ڪوسو ۽ ڊسٽرڪٽ بار جي جوائنٽ سيڪريٽري پير جهنڊل شاهه وچ ۾ غل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ميرپورخاص مختيارڪار آفيس جو گيٽ عوام لاءِ بند

ٽيپدارن خلاف شهرين جون دانهون، ڪمشنر ۽ ڊي سي کان نوٽيس جو مطالبو

آفيس ۾ مبينا بي ضابطگين ٽوڙي عوام سان ناروا روئي بابت فوري طور تي نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ميرپورخاص روينيو کاتي جي مختيارڪار آفيس جو گيٽ ٽيپدارن پاران عوام لاءِ بند رکڻ خلاف سيل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

نوجوان استاد بابر هنگورجي جي ناحق قتل خلاف سنڌڙي ۾ احتجاجي ريلي

جنهن ۾ ڀرپاسي جي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن، علائقي واسين ۽ باشعور ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت

احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ پينافليڪس کڻي نعريبازي ڪندي نوجوان استاد جي قتل جي سخت مذمت ڪئي

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) نوجوان استاد بابر هنگورجي جي ناحق قتل خلاف فائونڊيشن اسسٽيڊ شاهه مردان شاهه پبلڪ اسڪو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

احتجاج
احتجاج
سيف جي استاد بابر هنگورجو
جي ناحق قتل کي اسين پوري
انسانيت جو قتل سمجهون ٿا.
بابر هنگورجو جي قتل سان انصاف
ڪيو وڃي
JUSTICE
پاران: فائونڊيشن اسسٽيڊ شاهه مردان شاهه پبلڪ
اسڪول تعلقو سنڌڙي

دادو جي مزمل ڪالوني ۾ هٿياربندن جي فائرنگ، نوجوان ڪامران لنڊ قتل

وارثن جو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو

گهرڀاتين ۾ روڄ راڙو پئجي ويو، آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر جي مزمل ڪالوني ۾ رات دير سان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان ڪامران ولد ممتاز لنڊ قتل ٿي ويو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

علي بحر اسٽاپ وٽ ڊاڪٽر عبدالواحد سومري ۽ وڏيرو حاجي منور هاليو جي مهمانن سان مبينا ڦر ۽ تشدد

اطلاع تي وڏيري حاجي منور هاليو جي جاءِ واردات تي پهچڻ تي ڪهاڙين سان حملي جو الزام

ايف آءِ آر داخل نه ٿيڻ تي پوليس جي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿي ويا، ٺٽي ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال تي سنگين سوال اڀري آيا

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ بدامني عروج تي، علي بحر اسٽاپ وٽ اڳوڻي ايم پي اي ڊاڪٽر عبدالواحد سومري ۽ وڏيرو حاجي منور هاليو جي مهمانن س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

سجاول ۾ استادن جي جبري بدلين خلاف ڪارو ڏينهن، ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج

گسٽا ضلعي سجاول جي اعلان تي گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ابراهيم ٽارڙو ۾ استادن جي جبري بدلين خلاف ڪارو ڏينهن ملهايو ويو

ان موقعي تي اسڪول جي سمورن استادن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي پرامن احتجاج رڪارڊ ڪرايو

جبري بدلين وارو عمل روڪي استادن جا مسئلا حل ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

سجاول(رپورٽ:امتياز ميمڻ) سجاول ۾ استادن جي جبري بدلين خلاف ڪارو ڏينهن، ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج ڪيو ويو خبر موجب گسٽا ضلعي سجاول جي اعلان تي گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ابراهيم ٽار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ڊائو يونيورسٽي اسپتال ۾ ورلڊ ٽراما ڊي جي حوالي سان آگاهي سيشن جو انعقاد

ٽراما سينٽر، ڊائو يونيورسٽي اسپتال ۾ ورلڊ ٽراما ڊي 2026 جي موقعي تي انجري جي روڪٿام ۽ ٽراما آگاهي سيشن جو اهتمام ڪيو ويو

ورلڊ ٽراما ڊي هر سال 17 آڪٽوبر تي ملهايو ويندو آهي، جنهن جو مقصد روڊ حادثن، زخمن جي روڪٿام، بروقت ايمرجنسي رسپانس ۽ معياري ٽراما ڪيئر بابت عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ آهي

سيشن دوران ماهر ڊاڪٽرن پاران انجري جي روڪٿام، روڊ سيفٽي، ٽراما کان بچاءُ ۽ هنگامي حالتن ۾ ابتدائي طبي امداد بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني وئي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڊائو يونيورسٽي اسپتال ۾ ورلڊ ٽراما ڊي جي حوالي سان آگاهي سيشن جو انعقاد ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز جي ايمرجنسي ميڊيسن ڊپارٽمينٽ، ٽراما سينٽر، ڊائو يونيورسٽي اسپتال ۾ ورلڊ ٽراما ڊي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

سنڌ حڪومت طرفان ملازمن جي پينشن مان ڪٽوتي ڪرڻ جا افواهه گردش ڪري رهيا آهن: رفيق احمد جتوئي

جيڪڏهن حڪومت پاران ملازمن جي پينشن ۽ ايل پي آر ۾ ڪٽ لڳايو ويو ته ملازمن سان گڏجي تحريڪ هلائي ويندي

اسين اپڪا سنڌ جي پليٽ فارم تان سنڌ حڪومت کان گهر ٿا ڪريون ته اهڙن خبرن جو نوٽيس ورتو وڃي

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) سنڌ حڪومت طرفان ملازمن جي پينشن مان ڪٽوتي ڪرڻ جا افواهه گردش ڪري رهيا آهن، اهڙن حڪومت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

روهڙي پرسان تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، نوجوان فوت، ڊرائيور گرفتار

روهڙي پرسان ڊبر ٿاڻي جي حد ۾ ڪيريو فارم وٽ تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار اختيار علي چوهاڻ ٿڏي تي فوت ٿي ويو

اطلاع تي ڊبر پوليس پهچي فوتي جو لاش ڪٺائي تعلقا اسپتال روهڙي منتقل ڪيو

جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آهي پوليس ٽرالر ڊرائيور کي گرفتار ڪري ٽرالر کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

روهڙي (رپورٽر) روهڙي پرسان تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، نوجوان فوت، ڊرائيور گرفتار، تفصيل موجب روهڙي پرسان ڊبر ٿاڻي جي حد ۾ ڪيريو فارم وٽ تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ موٽرسائي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ڪوٽڙي ۾ غيرقانوني پيٽرول يونٽن خلاف انتظاميا جون ڪارروايون، ٽي يونٽ سيل

اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي شڪور سولنگي پاران مختلف علائقن ۾ غيرقانوني پيٽرول يونٽن خلاف ڪارروايون ڪيون ويون

ڪارروائي دوران لطيف چوڪ، نوري مسجد، شيرازي محلي سميت ٻين علائقن ۾ قائم ٽن پيٽرول يونٽن کي سيل ڪيو ويو

تعلقي جي مختلف علائقن ۾ غيرقانوني پيٽرول يونٽن خلاف ڪارروايون جاري آهن، ڪنهن کي به غيرقانوني ڪاروبار ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي

ڄامشورو(رپورٽر) ڪوٽڙي ۾ غيرقانوني پيٽرول يونٽن ۾ باهه لڳڻ واري واقعي کانپوءِ انتظاميا حرڪت ۾ اچي وئي، اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي شڪور سولنگي پاران مختلف علائقن ۾ غيرقانوني پيٽرول يونٽن خلاف ڪارروايون ڪيون /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

سيٺارجا: اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽي جي خصوصي گڏجاڻي

سيٺارجا (رپورٽر) خيرپور ضلعي جي ٻيو نمبر وڏي تعليمي اداري گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ميرپور ماٿيلو ۾ وڪيل شاهنواز وسير جي سند جي بحالي لاءِ احتجاج

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو بار ايسوسيئيشن پاران ڊسٽرڪٽ بار جي صدر شاهنواز و/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

ڊي سي ڄامشورو غضنفر علي قادري سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه جي خاص هدايتن تي ڀان سيد آباد پهتو

آءِ بي اي ڪاليج جي بلڊنگ مهيا ڪرڻ، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاءِ نئين بلڊنگ، قبضا مافيا جن اسڪول جي زمين تي ناجائز قبضا ڪيا آهن انهن بابت پريس ۽ بريفنگ

سنڌ جي وڏي وزير جي خاص هدايت تي اڄ ڀان سيد آباد پهتو آهيان اسان ان سلسلي ۾ اهم گڏجاڻي

ڪري اهم فيصلا ڪيا آهن ته آءِ بي ڪاليج جيڪا ڀان سيد آباد شهر توڙي ٻهراڙين جو مرڪز آهي

سيوهڻ (رپورٽر) ڀان سيدآباد ۾ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه جي خاص هدايتن تي ڀان سيد آباد پهتو، جتي آءِ بي اي ڪاليج جي بلڊنگ مهيا ڪرڻ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاءِ نئين بلڊنگ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ هٿياربندن جي فائرنگ، هڪ ڀاءُ قتل، ٻيو زخمي

خدا جي بستي واري علائقي ۾ دڪان تي ويٺل ٻن ڀائرن سڄڻ چانڊيو ۽ ذوالفقار چانڊيو مٿان موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن سڌي فائرنگ ڪري ڏني

جنهن جي نتيجي ۾ گولين لڳڻ سبب سڄڻ چانڊيو موقعي تي ئي مارجي ويو، جڏهن ته سندس ڀاءُ ذوالفقار چانڊيو زخمي ٿي پيو

واقعي کانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو، واقعي جا ڪارڻ ۽ جوابدارن بابت وڌيڪ تفصيل سامهون نه اچي سگهيا آهن

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي سائيٽ جي خدا جي بستي واري علائقي ۾ موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل، جڏهن ته سندس ڀاءُ زخمي ٿي پيو. تفصيل موجب خدا جي بستي واري علائقي ۾ دڪان تي ويٺل ٻن ڀائر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب32

ٽنڊوالهيار ۾ نوجوان پراسرار نموني فوت، وارثن پاران قتل جو شڪ ظاهر

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار اي سيڪشن ٿاڻي جي حد منصور ڪالوني مان 26 ساله نوجوان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33

توهين عدالت جي درخواست تي ٻڌڻي، ڊي جي نيب ڪراچي طلب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مبينا طور ڪروڙين رپين جي گهوٽالي ۽ فراڊ بابت توهين عدالت جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34

ڪوٽڙي ۾ غيرقانوني پيٽرول يونٽ کي باهه، رهواسين جي زندگين کي خطرو

ڪوٽڙي جي مريم گارڊن پرسان دڪان ۾ قائم مبينا غيرقانوني پيٽرول يونٽ ۾ باهه لڳڻ سبب ڀرپاسي جي گنجان آبادي لاءِ خطري واري صورتحال پيدا ٿي وئي

واقعي کانپوءِ علائقي واسين ۾ خوف ۽ ڳڻتي پکڙجي وئي، علائقي واسين موجب، ڪوٽڙي ۽ ڄامشوري جي مختلف چوڪن تي اهڙا پيٽرول يونٽ قائم آهن

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي جي مريم گارڊن پرسان دڪان ۾ قائم مبينا غيرقانوني پيٽرول يونٽ ۾ باهه لڳڻ سبب ڀرپاسي جي گنجان آبادي لاءِ خطري واري صورتحال پيدا ٿي وئي، واقعي کانپوءِ علائقي واسين ۾ خوف ۽ ڳڻتي پکڙجي وئي. علائقي واسين موجب، ڪوٽڙي ۽ ڄامشوري جي مختلف چوڪن تي اهڙا پيٽرول يونٽ قائم آهن، جن بابت اڳ به ڪيترائي ڀيرا نشاندهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب35

ڄامشورو ۾ پيش آيل روڊ حادثي ڪيترائي اهم پهلو سامهون آڻي ڇڏيا

نوجوان ناري مهڪ ملاح جي فوت ٿيڻ واري واقعي ڪيترائي اهم پهلو سامهون آڻي ڇڏيا

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي لمس اسپتال ڄامشورو منتقل ڪيو

ڄامشورو (رپورٽر) سنڌ يونيورسٽي گيٽ پرسان مهڪ ملاح جي فوت ٿيڻ وارو واقعو، حادثي ۽ عدالتي درخواست جا تفصيل ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي جي گيٽ پرسان ٽرالر جي ٽڪر ۾ نوجوان ناري مهڪ ملاح جي فوت ٿيڻ واري واقعي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر36